ڪلام منٺار فقير راڄڙ

رسالو مرتضائي

سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

كلام منٺار فقير راڄڙ رسالو مرتضائي

منٺار فقير جو ڪلام

مداحون ۾ پيا مرثيا، ذڪر ماتم جون زاريون،
ڪيم حسنين جي تعريف، دفتر شهنشاهيءَ ۾.
(حضرت فقير منٺار سائينؒ)

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2014ع

(هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا درگاهه منٺار فقير راڄڻ جي سجاده نشين فقير محمد بخش "ضامن" وٽ محفوظ رهندا.)

چاپو پهريون سال 2007ع تعداد 500
چاپو ٻيو فيبروري 2014ع تعداد 1000

قيمت: هڪ سؤ پنجاهه رپيا
(Price: 150-00)

Gul Hayat Institute

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر عبدالرحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

قبله حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين 8 مارچ 2012ع تي
درگاھ منٺار فقير تي آمد وقت، فقير محمد بخش ضامن سان گڏ

Gul Hayat Institute

درگاهه شريف جو مڪمل ڏيک

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب ”رسالو مرتضائي“ سنڌ جي عظيم ۽ ناميارِي شاعر منٺار فقير راڄڙ جو ڪافي، مولود، مدح، غم نامه، سوال نامه، قيامت جو بيان، حب نامو ۽ بيتن تي مشتمل ڪلام جو مجموعو آهي، جنهن ۾ الله جل جلاله جي واکاڻ ۽ پنجتن پاڪ جو ذڪر آهي.

منٺار فقير راڄڙ جو شعر آفاقي ۽ الهامي آهي. سندس شاعريءَ جي زبان نهايت ئي سهڻي ۽ سباجهڙي آهي. جنهن کي هر خاص و عام آسانيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو.

منٺار فقير راڄڙ جو صوفياڻو تڪيو ڪپري جي ماڳ ”ڪاٽي“ ۾ آهي، تصوف جي هن سلسلي جو لاڳاپو سروري جماعت سان آهي، هن ”درگاهه“ (منٺار فقير راڄڙ) تي هر خميس يعني جمع جي رات تي سماع ۽ صوفيانه راڳ رهاڻ جي محفل لازمي طرح ٿيندي آهي. جتي صوفي راڳ سان حاضرين جو روح ريجهائين ٿا.

ڪلام منٺار فقير راڄڙ ”رسالو مرتضائي“ جو پهريون ڇاپو جون 1928ع ۾ جنهن جو ٻيو ڇاپو 1987ع ۾ عقيدتمندن پاران ٻيهر ڇپرايو ويو. ڪلام جي اهميت ۽ افاديت کي نظر ۾ رکندي وري ٽيون ڀيرو هن رسالي کي سنڌي ادبي بورڊ پاران 2007ع ۾ ڇپرايو ويو، جنهن جو هاڻي هيءُ ٻيو ڇاپو پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڇاپيندي

Gul Hayat Institute

دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ بورڊ جي مانواري چيئرمين قبلہ جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان، جنهن جي مفيد مشورن ۽ ذاتي دلچسپيءَ ڪري هي رسالو ڇپائيءَ جون منزلون آسانيءَ سان طئي ڪندو اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

اميد آهي تہ تصوف جي عقيدت مندن جي حلقي، ڪلاسيڪي شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن ۽ عام پڙهندڙن ۾ هيءُ ڪتاب پڙهيو، پرجهيو ۽ ساراهيو ويندو.

20- ربيع الثاني 1435ھ

21- فيبروري 2014ع

الهڏتو وگهيو

سيڪريٽري

Gul Hayat Institute

برکت پريا لفظ

عالي جناب مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولیٰ'

سجاده نشين درگاهہ سروري هالا نوان

رسالو مرتضائي، منٺار فقير راڄڙ جو اهو ڪلام آهي جنهن ۾ صرف پنجن تنن جو ذڪر آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪافي، مولود، مدح، غم نامہ، سوال نامہ، قيامت جو بيان، حب نامون ۽ بيت شايع ٿيل آهن. انهن ۾ ان وقت جي مروج شاعري موجب رِقت آميز انداز استعمال ڪيو ويو آهي.

هن کان اڳي منٺار فقير جو ڪلام رسالو رهنمائيءَ ۽ رسالو اصل خدائي شايع ٿيل آهن. هي سندس ڪلام جو ٽيون مجموعو آهي، جيڪو جون- 1928ع ۾ جميعيت راءِ ولد صاحب راءِ، ديوان نارائڻداس ۽ پرتاب راءِ ولد شامنداس ٻيراني وارن، ڇپايو هو. جنهن ۾ نہ رڳو ٻوليءَ جون چڪون آهن پر پروفن جون بہ گھڻيون غلطيون آهن. هن ڇاپي کي مرحوم ولي بخش فقير جي مشورن ۽ موجوده فقير ولي محمد جي ڪوشش سان پياري خان شر، سيد گل شاهہ، حاجي فيض محمد هنگورجي ۽ سرفراز راڄڙ گڏجي وڏي عقيدت ۽ محنت سان ڇپايو آهي. جيئن تہ هن ڪتاب جا پروف محترم نياز همايوني پڙهيا، جيڪو پاڻ بہ سنڌي زبان جو سٺو شاعر آهي. سندس محنت قابل تحسين آهي انهي ڪري بہ هن نئين ڇاپي ۾ پروف جون غلطيون گھٽ ۾ گھٽ آهن.

اميد آهي تہ هي ڪتاب اهلِ سخن ۽ ڪافي گو شاعرن لاءِ سٺي سوکڙي ثابت ٿيندو.

هالا 9- سيپٽمبر 1985ع

طالب المولیٰ

Gul Hayat Institute

رسالي مرتضائيءَ ۾ منٺار فقير جو اهو ڪلام آهي جيڪو پاڻ امام پاڪ جي شان ۾ ۽ واقعي ڪربلا تي لکيو اٿس، فقير منٺار ڪي مرشد جي محبت سان گڏ امام پاڪ جي محبت بہ نس نس ۾ سمايل هئي، جنهن جو اظهار سندس ڪلام ۾ نمايان نظر ايندو. هيءَ رسالو پهريون دفعو منٺار فقير جي حياتيءَ ۾ 1928ع ۾ ڇپيو ٻيو دفعو 1987ع ۾ ڇپرايو ويو. هي ٽيون دفعو سنڌي ادبي بورڊ وارن ڇپرايو آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري اعجاز احمد منگي ۽ اراڪين جي محنت يقينن قابلِ داد چئبي اميد تہ درگاهہ منٺار فقير تي موجود باقي مواد ڇپرائڻ ۾ بہ بورڊ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو اسين فقير محمد بخش سندس خاندان ۽ منٺار فقير جي مڙني محبتين لاءِ دعاگو آهيون تہ الله پاڪ ڪين ڦقير جي ڏسيل واٽ تي هلائي ڪامياب ڪري.



Gul Hayat Institute

مخدوم محمد امين فهيم

سجاده نشين

درگاهہ غوث الحق مخدوم سرور نوح رحہ

15- مارچ 2007

وادي سنڌ جو مشهور و معروف الهامي شاعر
منٺار فقير راڄڙ ؒ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شڪر ادائي

رسالي مرتضائيءَ ۾ فقير منٺار سائين رحمة الله عليه جن جو اهو ڪلام آهي، جيڪو پاڻ ڪربلا جي واقعي تي ۽ امام پاڪ جي شان ۾ چيو اٿن. جنهن ۾ ڪافيون، ڏهر يا بيت، مولود، مداحون، سي حرفي، سوال نامون ۽ قيامت جو بيان وغيره شامل آهن. هن رسالي کي پنجتني يا شهنشاهي رسالو به چيو ويندو آهي. هيءُ رسالو پهريون دفعو 1928ع ۾ فقير سائين جي حياتيءَ ۾ ٻيرانيءَ جي سيٺين جميعت راءِ ولد راءِ صاحب نارائڻداس ۽ پرتاب راءِ ولد شامنداس جن ڇپايو، جيڪي سندسن معتقد هئا ۽ ان وقت ٽئي رسالا، خدائي، رهنمائي ۽ مرتضائي ڇپايا هئائون. مرتضائي رسالي کي پنجتني يا شهنشاهي به چئبو آهي. ٻيو دفعو گهڻي عرصي بعد وري 1987ع ۾ پياري خان شر ۽ غلام ڪريم شر جي ڪوشش سان ڇپجي منظر عام تي آيو، پر ڪافي عرصي کان پوءِ وري ڇپائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي ۽ اهو ڪم سنڌي ادبي بورڊ وارن انتهائي خلوص سان ڪيو ڪين جس هجي. آءٌ انتهائي شڪرگذار آهيان قبلا مرشدنا مخدوم امين فهيم سائين جن جو سندن نوازش جي نظر رهندي آئي آهي، رهندي اچي ۽ انشاء الله تا وقت رهندي. آءٌ قبلہ جميل الزمان سائين جن جو به مشڪور آهيان سندن رهنمائي به اسان سان

Gul Hayat Institute

هر وقت رهي آهي ۽ رهندي. ان سان گڏ آءٌ قبلا مخدوم حبيب الله سائين ۽ قبلہ مخدوم نعمت الله سائين جن جو بہ احسانمند آهيان جو هن سڄي ڪم ۾ سندن ڀرپور ساٿ رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري صاحب ۽ شعبي ۽ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو بہ مشڪور آهيان جو سندن ذاتي دلچسپي سبب ئي هيءُ رسالو جلد ڇپجي سگهيو. آئون جناب گل حسن درس سروري صاحب ۽ محمد صادق درس جو بہ شڪريو بجا آڻيان ٿو جو سندن اڻٿڪ محنتن جوئي نتيجو آهي جو سڄو ڪم وقت سِر ٿي سگهيو.

والسلام

فقير محمد بخش 'ضامن'

سجاده نشين درگاهہ حضرت منٺار فقير رحمة الله عليه

27 ذوالقعد 1427 هہ، 19 ڊسمبر 2006ع اڱارو

مخدوم حبيب الله سائين جو بنگلو، قاسم آباد حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

فقير محمد بخش ضامن سجاده نشين درگاهه حضرت مننار فقير راڄڙ عليه رحمة
فقير سائين جن جي دستار مبارڪ پهريل

Gul Hayat Institute

رسالو مرتضائي (2)

Gul Hayat Institute

سوانح حيات حضرت فقير منٺار سائين عليہ رحمة

حضرت فقير منٺار سائين عليہ رحمة جن اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سؤ سال کن اڳ موجوده ڳوٺ ڪاٽي راڄڙ ۾ تولد ٿيا. سندن طبيعت ننڍي هوندي کان ئي فقيريءَ ڏي مائل هوندي هئي. سندن وڏا اصل کان ئي سرور نوح فقير عليہ رحمة جن جا مريد هئا. مخدوم امين محمد سائين پڪن ڏٽي عليہ رحمة جن جڏهن پکن شريفن تي چلاڪشي ڪري واپس هالا شريف آيا تہ جماعت گهڻي اچي گڏ ٿي پاڻ ڇوڪراٽي عمر جا هئا ڪين اشتياق ٿيو تہ آئون اچ ذڪر وٺان. حالانڪ ان ڏينهن ڪنهن کي بہ ذڪر ڪونہ ٿي مليو. خليفو پراڻان هالا جو شاه صاحب هو پاڻ ان کي عرض ڪيائون ان سائين کي عرض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ اچي ذڪر ڏيون ٿا ان طرح ان ڏينهن فقط ڪين ئي ذڪر مليو. پاڻ جوانيءَ کي رسيا تہ امين محمد سائين پکن ڏٽي عليہ رحمة جن جو وصال ٿيو ڪين مرشد جي جدائيءَ جو وڏو صدمو رسيو ۽ پاڻ ملول رهڻ لڳا ان عرصي ۾ ڪين مجازي عشق جي چوٽ بہ لڳي پر ڪامل مرشد جي مهرِ نظر سان مجازي عشق حقيقيءَ جو روپ ورتو ۽ پاڻ شعر چوڻ لڳا ان دوران هڪ رات اٿر مهل ڏسن ٿا تہ امين محمد سائين جن گهوڙي تي اچن پيا پاڻ اٿي گهوڙو ورتئون سائين فرمايو تہ فقير گهوڙو ڇڏي ڏيو. اوهين هيڏانهن اچو پاڻ هڪ پنو ڪڍي ڇيائون تہ پڙهہ. فقير سائين عرض ڪيو پڙهيل ڪونہ آهيان پاڻ فرمايائون تہ پڙهہ اسين ٿا پڙهايون اها هڪ ڪافي هئي جا پڙهائي وئي.

لاهي ويهہ مَ لڏ، لاهہ مَ لڏ، هل تہ پهچين هوت کي.

(سڄي ڪافي رسالي خدائي ۾ موجود آهي.)

ڪافي پڙهائي جتي هينئر سندن درگاهہ آهي ان جاءِ لاءِ فرمايائون تہ هي اوهان جو مڪان آهي. گهبرائبو ڪونہ. اسين اوهان سان گڏ آهيون ۽ پاڻ روانا ٿيا صبوح ٿيو تہ فقير سائين جن پڙهيو بہ وجن ۽ لکيو بہ وجن ۽ اها ڪيفيت ٿي جو جيڪي زبان مبارڪ مان نڪري اهو ٿي پوي. پوءِ پاڻ ٻارهن سال کن سير و سفر ۾ گذاريائون سنڌ جي بزرگن ملتان تائين ۽ اجمير شريف تائين درگاهن تي حاضريون ڏنائون. ڪين امام پاڪ جي محبت ننڍي هوندي کان ئي

هئي. محرم شريف جا ڏينهن تمام غم ۾ گذاريندا هئا ڪين ڪافي دفعا امام پاڪ جي زيارت نصيب ٿي مثال طور هڪ واقعو ڏجي ٿو. هڪ دفعي پاڻ شهيد عبدالرحيم گرهوڙي عليه رحمة جي حاضري ڏئي موٽيا هڪ طالب به ساڻن گڏ هو واٽ تي رات پئجي وين اهو خاصخيلي قوم جو ڳوٺ هو. ان وقت ۾ هڪ وبا اچي پئي هئي جنهن سبب هزارين موت ٿيا هئا ماڻهو هڪڙا لاش دفنائي ايندا هئا ته ٻيا پيا هوندا هئا، پاڻ ان ڳوٺ مان ماڻهو سڏايائون، پيراڻون نالي ڳوٺ جو چڱو مڙس نڪري آيو پاڻ ان کي چيائون ته مسافر آهيون رات رهنداسون ۽ ننگر به کپو. ان ٻڌايو ته هينئر سڄو ڳوٺ وبا ۾ ورتل آهي سڀ عورتون مرد سڪرات جي حالت ۾ آهن ان لاءِ ننگر جي معذرت باقي رات پلي رهو پاڻ اتي رهي پيا ڪجهه مهل کان پوءِ خواب جي نموني ڏسن ٿا ته چار ماڻهو آيا آهن ۽ اسان کي وٺي پيا وڃن. ڪين هڪ لانڍيءَ ۾ ڇڏي اهي ماڻهو ويا هليا سامهون هڪ واٽ هئي جنهن تان ڪافي ماڻهو آيا ويا پي پاڻ انهن کان پڇيائون ته ڪٿان پيا اچو ته انهن چيو ته اوهان کي خبر ڪانهي ڇا. امام صاحب جن آيل آهن هو پريان سندن تنبو لڳل آهن اسين اتان پيا اچون پاڻ به اوڏانهن روانا ٿيا اتي وڃين ڏسن ته هڪ شاهه صاحب آهي (اهو غالبن ڪپري تعلقي جوئي شاهه صاحب هو فقير ولي بخش سائين جن نالو به وٺندا هئا) جيڪو ننگر پيو وڌائي شاهه صاحب ساڻن مليو ۽ ٻڌايائين ته چڱو ٿيو اوهين اچي ويا. امام صاحب جن اوهان کي ياد پي ڪيو، هاڻ ڪجهه دير ويهو ته آئون فارغ ٿيان ته حاضري ٿو ڪرايان پاڻ اتي ويٺا ته هڪ آواز آيو ته اي فقير منٺار هڪ ڪلام ٻڌائي وڃ پاڻ اوڏانهن ڏيان ڏنائون ته شاهه صاحب چين ته ايڏانهن ڏيان نه ڏيو ڪجهه مهل کان پوءِ وري ساڳيو آواز آيو شاهه صاحب وري منع ڪين ڪجهه مهل کان پوءِ وري آواز آيو ته اي فقير منٺار اسم الله جو اٿئي ڪلام ٻڌائي وڃ شاهه صاحب وري منع ڪئي ته پاڻ چيائون ته جيڪو به آواز آهي هاڻ ته اسم الله جو وڌو اٿن هاڻ ته اوڏانهن وڃبو ته شاهه صاحب چين ته پوءِ پهرين حاضري ڪريو. پوءِ اوهان جي مرضي شاهه صاحب اجازت وٺي ڪين اندر ڇڏيو، پاڻ ڏسن ته امام حسين عليه السلام جن کٽ تي ويٺا آهن. ڪچهري لڳي پئي آهي پاڻ به قدم بوسي ڪري ويٺا. ڪچهري ڪري موڪلائڻ مهل پاڻ عرض ڪيائون ته هيئن سڏ ٿي ٿيا ان لاءِ ڇا ڪجي ته امام پاڪ جن

فرمايو، تہ فقير اهي شيطان آهن اڄڪلهہ جيڪا وبا پئي آهي سا انهن جي ڪري آهي اسان هتي انهن شيطانن کي پڪڙڻ لاءِ ڪئمپ هنئي اٿئون. ڪجهہ پڪڙيا آهن باقي پڪڙبا. فقير صاحب جن عرض ڪيو تہ قبلہ سڌڻ سان گڏ اسم الله جو وڏو اثر، پاڻ فرمايائون تہ پوءِ نيڪ آهي پر ڪجهہ ترسو ائين فرمائي ڪاغذ قلم گهرايائون ان تي ڪجهہ لفظ لکي فقير سائين جن کي سڌي ساڄي ٻانهن ۾ ٻڌي فرمايائون تہ هاڻ ٻلي وجو هاڻ اوهان محفوظ آهيو. ڪو نقصان نٿو پهچي سگهي. پوءِ پاڻ ان سڌن واري طرف پاسي ۾ ئي لڳل تنبوءَ ڏي ويا اتي ڏسن تہ واقعي شيطان آهن جيڪي ٻڌا پيا آهن زنجيرن سان اتي پهتا تہ وري اڪ ڪلي پين ۽ گڏ جيڪو طالب هئن ان کي چيائون تہ پيراٺي کي سڌ ڪر پيراٺي ڪان پڇيائون تہ هت ڪو ڪاغذ قلم ملندو ان ٻڌايو تہ هڪ واٺيي جو هٽ آهي ان ڪان ملي ويندو سو اتان وٺي آيو ڳوٺ ۾ جيترا ماڻهو بيمار هئا اوترا پرچا ناهي انهن تي امام پاڪ جيڪي اکر لکي ڪين ٻڌا هئا اهي لکي انهن کي ڏنائون تہ پنهنجي گهر جي ياتين ڪان ٻڌڻ شروع ڪر ۽ سيني بيمارن کي ٻڌ. هو سڄي ڳوٺ ۾ ٻڌي واپس اچي تہ سندس ياتي بلڪل نيڪ وينا آهن، تن چيو تہ هي ڪهڙو جادو ٿي ويو اسين تہ سڪرات ۾ هئاسون هاڻ تہ مٿي ۾ سور بہ ڪونہ رهيو آهي. پيراٺي چين تہ جنهن جي ڪري نيڪ ٿيا آهيو هاڻ اتي ان جي خدمت ڪريو ان طرح اهو خاصخيلين جو ڳوٺ ۽ ان ڪري ٻيا خاصخيلي بہ سندن معتقد ٿي پيا جن سان ڪافي وقت تعلق هلندو آيو. اجا بہ ڪن گهرن سان هلندو اچي. ان طرح ٻيا بہ واقعا آهن. محرم شريف جي پهرئين ڪان وٺي ماڻهو ايندا ويندا هئا. 10 تاريخ تي ٻڌجي ٿو تہ ٽيهہ چاليهہ ديڳين تائين ننگر هلندو هو. پهرين محرم ڪان ٽيجهي جي نياز تائين پاڻ تمام غم ۾ گذاريندا هئا مرثيہ خواني بہ ٿيندي هئي.

هڪ دفعي 10 تاريخ محرم شريف تي ننگر هليو پي پاڻ پنهنجي پاٽاريءَ تي وينا هئا سياري ۾ مچ تي اتر طرف سندن پاٽاري هوندي هئي ۽ اولهہ طرف ڪنهن بہ آيل سادات جي پاٽاري هوندي هئي، باقي لانديءَ ۾ ٻيا ماڻهو ويهندا هئا هڪ شاهہ صاحب آيل هو جيڪو پنهنجي پاٽاريءَ تي ويٺو هو تہ ڪم واري ماڻهن مان ڪنهن اچي ڪين آهستي ٻڌايو تہ سائين سامان ڪٽي پيو آهي. ائين قدرتي ٽيٽو هو نہ تہ اڳ ۾ ڪڏهن ڪونہ ٿيو اهو چوڻ شاهہ

Gul Hayat Institute

صاحب به ٻڌي ورتو ۽ فقير سائين کي چيائين ته سائين مون کي اجازت ملي ته ننگر جو بندوبست آئون ڪريان. پاڻ چيائون ته شاهه صاحب اوهان تڪليف نه ڪريو انتظام ٿي ويندو. پر شاهه صاحب زور ڀريو ته پاڻ اجازت ڏنئون شاهه صاحب بنيءَ تي آيو. هڪ ديڳ جو سامان بچيل هو اها ديڳ رڌايائين ماڻهو اجا به ڏهه پندرهن ديڳين جا رهيل هئا. شاهه صاحب ديڳ تي ڪپڙو ڏئي وڌائڻ شروع ڪيائين ماڻهو ڪارائيندا ويا سڀ ماڻهو کائي ويا. ڪم وارن به کاڌو جڏهن سيني کائي بس ڪئي ته شاهه صاحب اٿيو. ۽ ديڳ تان ڪپڙو لاهين ته صرف هڪ ڪٽڇي وڌ تي آهي باقي ديڳ ڀري پئي آهي. اهڙا اهڙا ماڻهو سندن ڪچهريءَ ۾ شامل هوندا هئا. جو جڻ رهيل ماڻهن کي سڏو امام جي ننگر مان وٺي ڪارائي ڇڏيائون. ۽ اهو برڪت جو اثر اڄ تائين هلندو اچي ۽ هلندو رهندو. پاڻ پنهنجو قبو ۽ مسجد شريف ۽ پنهنجي قبر مبارڪ پاڻ ٺهرايائون رمضان المبارڪ جي عيد پڙهي سيني عزيز و اقارب کي درگاهه تي وٺي اچي ٻڌايائون ته هي اسان جي آخري آرامگاهه آهي. اسين باقي اوهان وٽ ڏهه ڏينهن آهيون ته سندن پاڻيٽي حاجي مير حسين چيو ته سائين اوهان ته نيڪ ناڪ آهيو اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪريو ته پاڻ مسڪرائي فرمايائون ابا اسان کي پنهنجي ملڪ وڃڻ جي خوشي آهي. اسان الله سائينءَ کان گهري ته محرم شريف جي ڏهين تاريخ هئي سو تاريخ ڏهين ملي آهي باقي مهينو شوال جو مليو آهي، ان طرح پاڻ 10 شوال 1353هه 16 جنوري 1935ع هن دارالفانيءَ مان دارالبقا ڏي اسهيا.

پاڻ پنهنجي هڪ مرثيي ۾ فرمائن ٿا ته:

ماهه محرم جيءَ ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان،
حب رکي حسنين ڏي، روشندي هتان راهي ٿيان.

کين هڪ فرزند هو فقير پير بخش جيڪو عين جوانيءَ ۾ ئي پنهنجا ٻه ننڍڙا پٽ فقير ولي بخش ۽ فقير قبول محمد ڇڏي وصال ڪري ويو.

پاڻ پنهنجن پوٽن جي تربيت ڪيائون کين نپائي وڏو ڪيائون ۽ سندن اولاد ڏنائون. فقير سائين جي وفات بعد سندن پوٽو فقير ولي بخش سائين عليه رحمة جن سجاده نشين ٿيا. جيڪي هڪ ڪامل فقير ٿي گذريا آهن. قبي ۽ مسجد شريف کان سواءِ باقي درگاهه شريف تي جيڪو

Gul Hayat Institute

۾ تعميراتي ڪم ٿيل آهي، سو گهڻي ڀاڱي سڀ سندن رياضت جو ثمر آهي. پاڻ محرم شريف جا ڏينهن چاهي ميلو، مرشدن جي حاضري مهمانن سان رهاڻيون، فقير جي حبدارن سان نباهڻ يا مڪان جي خدمت، هر ڪم ۾ اڳرا رهيا ۽ وڏا مثال قائم ڪيائون فقيريءَ ۾ اميري ڪيائون جنهن هڪ دفعو ساڻن ڪچهري ڪئي ان کي ساري عمر ڪونہ وساريندا سندن مفصل سوانح حيات ۽ شعر سندن رسالي "پرين تنهنجيءَ پياس ۾"، ۾ موجود آهي، جيڪو منٺار فقير اڪيڊمي طرفان 1999ع ۾ شايع ٿيو آهي. فقير ولي بخش سائين عليہ رحمة جن تاريخ 29 محرم الحرام 1404هہ 5 نومبر 1983ع ڇنڇر رات راهہ رباني ورتائون.

سندن مرثين پڙهڻ جو انداز اڄان نئو وسري سڄي مجمعي جي اک آلي هوندي هئي ۽ پاڻ ذڪر تسبيح جيڪا 10 محرم جي صبوح جو درگاهہ تي ٿيندي آهي ان ۾ سماع ۾ ملائي مرتضائي رسالي جو هڪ ۾ ڪافيون پڙهندا هئا، هلندي سماع ۾ اهو انداز وري ڪنهن ڪان نہ ٻڌو ويو. سندن شعر مان هن ڪتاب جي مناسبت سان سندن ۾ ڪافيون هتي ڏجن ٿيون:

ڪافي

ٿل: علي شاهہ مردان شيرِ خدا تون، هوئج گڏ هميشہ ٿيج ناجدا تون.

1. تون هين حق حيدر علي شاهہ صفدر، ڪنبائي قلعوٿو ڪٽيو ڪوٽ خيبر
مٿان مير محمد فائق فدا تون.

2. ڏيو تندرستي توحيد توڪل، ڪر معاف مون تان مڙئي مير مشڪل.
آهين شاهہ شاهن، ناهين گدا تون.

3. ڏيو حب حسنين جي مونکي هردم، دنيا دين جا سڀ پورا ڪريو ڪم
۽ مون کي ميل مرسل، نورالهدا تون.

4. آهين وير وارث ولايت جو والي، اسين آهيون تنهنجا آلي موالي
ڪرين پير پوري، من جي مدا تون.

5. ولي بخش آهي تنهنجي در سوالي، وريو ڪونہ توڪان ڪڏهن ڪوبہ خالي
سخي شاهہ آهين، سيد سڻ سدا تون.

Gul Hayat Institute

ڪافي 2

تل: رک هردم حب حسنين سندي، تنهن وارث واليءَ ڪوئين سندي.

1. جنهن جو بابو عليؑ نانو نبي، تنهنجي وصف ٻي ڪهڙي ڪبي،
جنهن رضا سڀ مجي ربي، ڏس بي حيائي شمر لعين سندي.

2. جي پائنين تہ راضي اللہ ٿئي، منٺو مير محمد شاهہ ٿئي،
عين آل علي فقراهہ ٿئي، تہ وٺ دامن دوست دارين سندي.

3. چئو ياحسينؑ چئو ياعلي، سڀ نبي چون ٿا غوث ولي،
تہ حب حسين جي آهي ڀلي، تنهن سيد صاف سقلعين سندي.

4. ولي بخش ڪيم وسارج تون، ٻيو هردم غم ۾ گذارج تون،
سردار سيد ڪي سارج تون، رک طلب تنهن طرفين سندي.

ڪافي 3

تل: ڪريو مومن ماتام مهندار سندو، هردم حسين سردار سندو.

1. ڇا خون حسين جو برڪت ٿي، صلوات سيد تي رحمت ٿي،
قاتل حسين جي تي لعنت ٿي، جو دشمن ٿيو دلدار سندو.

2. جنهن ڪي غم حسين جو ناهي اصل، سو تہ يزيد جو آهي نسل،
بي حيا بڇڙو بلڪل، ٿيو دوزخ مڪان تنهن مردار سندو.

3. جيڪي حب حسين جي ٿا رکن، پروانہ ٿي پڙ ۾ پچن،
ڪهڙي قيامت آ ڪاڻ تن، جن غم آهي غمخوار سندو.

4. آئون سو صلواتون سلام چوان، مٿي آل نبيءَ امام چوان،
جنهن ڪي ٻيئي جهان انعام چوان، آهيان طالب تنهنجا تاجدار سندو.

5. امامن لاءِ او ساريان، انهي غم ۾ شال گذاريان،
هنجهون هڻ هڻ هميشہ هاريان، تيندا پوش پناهہ پينار سندو.

6. علي اڪبر شاهہ هو همشڪل، محمد منٺو جيئن ڄڻ مرسل،
سو بہ ڪفارن ڪيو قتل، پوٽو عليءَ حيدر ڪرار سندو.

Gul Hayat Institute

7. علي اصغر شاهه صغير سان، ڪئي ڪيڏي موذين مير سان،
سو به شهيد ڪيائون تير سان، اولاد اڙين آذار سندو.
8. حامي حسيني يار هو، گوهر غازي غمٺار هو،
سورهيه سپهه سالار هو، تنهن عباس علمدار سندو.
9. آئي نائين محرم ماهه جي، سڄين سيج رهي قاسم شاهه جي،
اچي مرضي ٿي اها الله جي، ڪريان ڪهڙو بيان قربدار سندو.
10. هلي حر آيو منجهان قرب ڪاهي، سڀ سورهيه سانگا سر جا لاهي،
چيائين سر صدق سو وار آهي، تنهن قولَ پاريو اقرار سندو.
11. سڀ هئا بهادر باوفا، سر تي سٺئون ڪيڏي جفا،
ٿي شان ان جي ۾ شفا، ڏيندا دان مون کي ديدار سندو.
12. ولي بخش تي اهي وڙ ڪندا، جو ديدار لاءِ آهي سوالي سندا،
پوري ڪندا اها من جي مُدا، اهو چوڻ آهي محب منٺار سندو.

فقير ولي بخش سائين عليه رحمة جن جي وصال بعد سندن اڪيلو فرزند فقير ولي محمد سائين عليه رحمة جن درگاه جا سجاده نشين ٿيا. ڪين پنهنجي والد سان بي انتها محبت هئي پاڻ سندن جدائي برداشت ڪري نه سگهيا، ۽ ڏيڍ سال کن جي قليل عرصي ۾ ئي تاريخ 25 رجب 1405هه 17 اپريل 1985ع تي وصال ڪيائون ڪين اسين ٽي فرزند آهيون. فقير محمد بخش ’ضامن‘، فقير لطف علي، فقير خادم علي، مون کي پنجن فرزندن جو اولاد آهي، (1) فقير ولي بخش (2) فقير ولي محمد (3) فقير اعجاز علي (4) فقير فياض علي (5) فقير محمد طلحه عرف فقير رياض علي. لطف علي فقير کي به فرزند فقير اياز علي ۽ فقير عرفان علي آهن. امام پاڪ جا مڙئي حبدار اسان مڙني لاءِ دعاگو رهن ته الله سائين اسان کي ڪامياب ڪري ۽ امام پاڪ جي سچي حب نصيب ڪري، آخر ۾ آئون مرشدنا قبلا مخدوم محمد امين فهيم سائين جن کي عرض ڪندس ته پاڻ ان خاص نظرِ ڪرم سان نوازين. جيڪا وڏن کان وٽي ٿيندي آئي آهي ۽ خاص دعا ڪن ته اسين فقير جا سچا ٻهاريدار ٿيون الله سائين فقير سائين جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اسين جيڪي ڪجهه به آهيون سو سڀ پنهنجي مرشد ۽ امام پاڪ جي خاص عنايتن جي طفيل آهيون، جيڪي وقت به وقت ٿينديون آيون آهن.

Gul Hayat Institute

ٿينديون اچن ۽ انشاءَالله تا قيامت رهنديون. جيئن فقير سائين جي هڪ ڪافي آهي ته:

ڪوئي پاڻ وني ڪنهن کي پرني ته اهو اؤکيءَ ۾ ان کي نه ڇڏي هوند هر حال ۾ سو همراهه ٿئي، اهو جيستر جوان حيات جئي ته به سام سندي ڪنهن کي نه ڏئي، توڙي سوليءَ تي بادشاهه سڏي.

مون 1989ع کان باقاعده شاعري ڪرڻ شروع ڪئي آهي ۽ شعر جي ڪافي صنفن تي لکيو آهي، ڪتاب جي مناسبت سان هتي پنهنجيون ٻه ڪافيون آخر ۾ ڏبيون. منهنجي مڙني اهل علم حضرات کي گذارش آهي ته رسالي ۾ ڪي ڪميون رهيون هجن يا ڪي تجويزون هجن ته آگاهه ڪندا جيئن آئيندي ڇاپي ۾ خيال رکي سگهجي.

سرور تو ساڻين ٿئي، ساڻ مداحي منٺار جنهن کي حب حضرت نوح فقير جي، تن ۾ آهي تار ٻي حب حضرت حسين جي، هجي منجهه وجود جي وار وار يا پرور پاڪ دگار، اهي آسون اميدون پڄائيين

اهي ئي آسون اميدون پڄائيين، منهنجن پوٽن پڙ پوٽن سي سدا هجن سنرا ۽ جڳ ۾ شال جيئن اميدون اولاد جون شاديون اکين ڏسن هجن هدايت پريا، منجهان مومنن چڱيءَ نيت چون، ڪلمون محمد "صلعم" مير تي.

فقير محمد بخش ضامن

ڪافي

ٿل: ٿي مدد مشڪلڪشا، مشڪل مڙئي آسان ڪر،
درد ٿيا دل ۾ گهڻا، دارون سگهو درمان ڪر.

1. عرض ڪيم ٻانهون ٻڌي، سگهڙو سٽين لهه سار تون،
اي عيبدارن جا اجها، مون تي اهو احسان ڪر.

2. حال منهنجي جي حقيقت، معلوم توکي آ مڙئي،
دشمنن تي دهشت سان، هيڪر اچي دهمان ڪر.

Gul Hayat Institute

3. سڀ مخالف مات ڪر، تہ خارجي جيڪي ڪسن
هـِت هـُت حمايت مون سندي، هاڻ عليؑ الاعلان ڪر.
4. ٿي جلد واهرو وسيلو، ڪانہ توريءَ ڪا ڳلي،
مهر ضامن تي ڪري، امداد عالي شان ڪر.

ڪافي 2

ٿل: تڏهن ڳوڙها اکين مان ڏاڍا ڳڙن، جڏهن ڪربلا جون گهڙيون ياد پون.
1. هو شان شاهي حسنين جو، ثاني سندس نہ ڪو ٿيو،
هيڏو انهيءَ تي قيس ڪيو، ناحق اڇي تن ظالمن.
2. ڪوفين ڪي هئي دل ۾ دغا، واعدا ڪري ٿيا بي وفا،
هاڻ تن تي سؤ سؤ دفعا، تہ مومن مڙئي لعنت مجن.
3. يزيد ۽ مروان ٻئي، ٿيو شمر سو شيطان پي،
۽ طرفدار ان جا سيئي، شل دوزخ سندو ٻارڻ ٿين.
4. جن هو امام ڪي رنجائيو، ڪربلا جو قيس ڪرائيو،
انهن ڪي ملائڪ وراڻيو، تہ باهہ ۾ هر هر هڻن.
5. مومن اها ٻڌيو خبر، ڏينهن راتيون هارين جر،
ٿين پاڻ ڪان تہ بي خبر، دل ۾ درد جا دونها دکن.
6. اها آس آهي من ۾ مدام، ڪن من غلامن جو غلام،
ڪريان عرض ٿو صبح و شام، شل ضامن اها امداد ڪن.

Gul Hayat Institute

خادم الفقراه

فقير محمد بخش 'ضامن'

سجاده نشين درگاهہ حضرت منٺار فقير سائين رحمۃ اللہ عليہ

ڪاٺي P.O تعلقہ ڪپرو ضلعو سانگهڙ سنڌ

ڪليان

ٿلهه: حق الله، حق محمد ميان، حق جو نور ٿيو نروار.

1- حديثون پنجتنن جي باب، جيئن حضرت نبي جناب،
پاڪدامن جومنجهه حشر حساب، ڏيندو احسان مٿي سنسار.

2- اول "امام علي" اظهار، ٻيو "امام حسن" حقدار،
ٽيون "امام حسين" سردار، چوٿون "عابدين" سچو سچيار.

3- پنجون حضرت "محمد باقر"، ڇهون "جعفر صادق" سرور،
ستون "موسيٰ" ڪاظم منور، ۽ اٺون "علي رضا" اظهار.

4- نائون "حضرت تقي" امام، ڏهون نرمل "نقي" جو نام،
يارهون "عسڪر" عليه السلام، ۽ ٻارهون "مهدي" ملڪ مختيار.

5- جيڪي ٿيا غلام سندن گولا، لٿا پوءِ تن مٿان پولا،
سي آهن منهنجا اجها اولا، هيءُ تومدح سندين چوي "منٺار"

ٿلهه: 'محمد' يا 'علي حيدر'، ۽ 'حسن' 'حسين' ياد ڪرتون.

1- "زين العابدين" ۽ "باقر"، رڪنج جيءَ جان ۾ "جعفر"،
"موسيٰ ڪاظم" منو منور، سي دلئون دن رين ياد ڪر تون.

2- ۽ "علي رضا" اڪمل ڪي، "تقي"، "نقي" نرمل ڪي،
"عسڪر" مير مڪمل ڪي، اهي والي ڪونين ياد ڪر تون.

3- "مهدي امام" رک من ۾، طلب ڪر تات تنهن جي تن ۾،
ايندو اخير جي سن ۾، سو اُجاريندڙ عين ياد ڪر تون.

4- تون رک "منٺار" حب تن ڏي، علي جو دستار آيو جن ڏي،
ٻيا ئي غير ڪي ٻن ڏي، ٻي وجائي ساري غين ياد ڪر تون.

Gul Hayat Institute

ٿلهه: خدا جي ڪارخاني ۾، عليءَ جي مختيار ڪاري آ.

1- مدت منهنجي علي الله، ڪرم الله وجه الله،
خدا جو شير اسد الله جنهن جي دلدل تي سواري آ.

2- حمايت هي علي حيدر، ساقي جيڪو حوض هي ڪوثر،
ڪٽيو جنهن ڪوٽ هو خيبر، تنهن جي فتحداري آ.

3- خبر هن حال منهنجي جي، اندر احوال منهنجي جي،
گذر ۽ خيال منهنجي جي، تنهن کي معلوم ساري آ.

-4 تنهن جي مجي "منٺار" غلامي ٿو، مولىٰ علي جي مدامي ٿو،
ڪري سيد جي سلامي ٿو، ٻولي ٻانهپ برداري آ.

ٿلهه: حسن حُسين پٽ حيدر، مون کي مولىٰ ملائيندو!

-1 ٽيان ٻانهون اڳيان تن جي، ادب ۾ آءُ امامن جي،
الله سائين هٿان اُن جي، ڪَدهه ڪوثر پِلائيندو.

-2 مون کي آهي طلب ڏهون تن، ڏسان من شال ڪي پرين،
الله ڏيندوم سک سندين، انهيءَ حُب ۾ هلائيندو.

-3 شيطاني شر ڪنان مالڪ، رکي ونندم خدا خالق،
جي ڪم ابليس سان تعلق، مالڪ ان کان بچائيندو.

-4 مطيع "منٺار" آهي جن جو، طالب تحقيق ٿيو تن جو،
سڪندڙ سونهن سندين جو، الله آسون پڄائيندو.

ڪلياڻ: تار چٹنچل

ٿلهه: يا شهنشاهه شيرِ خدا، ٿيءَ مدت دلدل جا سوار.

-1 يا علي مولىٰ علي! منهنجي تو بغير ناهي ڳلي،
لا فتيٰ الا علي لاسيف الا ذوالفقار،

-2 شاهه تون، درياهه تون، علي ولي الله تون،
هر انبياءِ همراهه تون، ننگڙو سڄاڻج نامدار!

-3 مون غرض ڪر غمناڪ جو، تون صاحبِ لولاڪ جو،
تون هٿ آهين حق پاڪ جو، اي ساقي ڪوثر مختيار!

-4 مون آزي عرضدار جي، تون سڻ سدا پينار جي،
اچي ماڙَ تي "منٺار" جي، يا حضرتا حيدر ڪرار!

Gul Hayat Institute

ٿلهه: مون کي ڏي مدد مولىٰ علي، سائين واسطي الله جي.

-1 دلدل جو آهين هسوار تون، ۽ حيدر ڪرار تون،
منهنجو ٿيُ اچي آڌار تون، نيازِ رسول الله جي.

-2 انميين کي توهو اُجاريو، اسلام ظاهر ڪاريو،
ڪُل ڪفر تو ماريو، ساڻ هڪل هيبت الله جي.

3- تو سيباڻو سبحان کي، ڏنئي عقيدو ايمان کي،
تو ڪنبايو ڪفران کي، آڻي رند بيهاريئي راهه جي.

4- تون ڏي مدد "منٺار" کي، تنهنجي پان پٽ مگٺهار کي،
پنهنجي در سنڌي پينار کي، محابي محمد شاهه جي.

تلهه: رب! شهادت ڪر نصيب، مون کي نيت يا حسين،

1- يا خدا! سڻ سوال تون، ۽ سوال سڻ ڪر پال تون،
مون کي ڏي حلاجي حال تون، حرمت حضرت ڪونين.

2- عاشقن جي مطابعت، سا بخش هادي! مون هدايت،
ڪر نصيب سا نعامت، پيا گهران ٿو ڪاڄ ڪين.

3- ڏي شهادت ڪر پلائي، سڻ عرض منهنجو الاهي!
۽ پال ڪر اها پلائي، تہ مهند مُرڪن منهنجا نين.

4- سڻ عرض "منٺار" جو، اڄ مون عيبندار جو،
مقصد اهو پينار جو، سائين! سڻ هدا سنديم سين.

تلنگ تار ڪلواڙو

تلهه: حسنين جو ٿي حُبدار مومن! حسنين جو ٿي حبدار،
تہ مُرڪين پوءِ سپاڻي محشر ۾.

1- جو دشمن مير حسين جو منڪر، تنهن تي قهار ٿيندو رب قادر،
پيندس ڪين ضمان پيغمبر، تنهن کي تا ڪونڻ لقب ڪفار مومن.
تنهن کي تا ڪونڻ لقب ڪفار، اُن جي جهنم جاءِ سڙي ٿو سقر ۾.

2- جنهن کي حُب حسنين جي آهي، تنهن لاءِ دوزخ جو نالو ئي ناهي،
اُتو جاءِ جنتِ فردوس ۾ شاهي، ڪر اهو يقين اعتبار مومن!
ڪر اِهو يقين اعتبار، وسهج پاڪ خدا پرور ۾.

3- جڏهن مخفي مام الله جي آئي، تڏهن شاهه حسين شهادت پائي،
سا هٿ ڪيائين سوغات بقائي، اهو بہ عبرت جو اسرار مومن!
اهو بہ عبرت جو اسرار، ٿيو ذاتي ذات هڪ ٿي نور نظر ۾.

4- ٿي "منٺار" اصل اُنهن جو، سڪندڙ پياسي پنج تنن جو،
سوالي رهه ديدار سندن جو، ٿيءَ ظاهر باطن زوار مومن!
ٿي ظاهر باطن زوار، تہ ڪنديئي لائق، رکنديئي پنهنجي لشڪر ۾.

Gul Hayat Institute

ٽلھ: مون کي من ۾ آس مدام، سائين! مون کي من ۾ آس مدام،
ٿي حُبدار حسين جي، هجان لشڪر ۾.

1- أنا احمد بلا ميمي، روحڪ روحي دمڪ دمي،
لحمڪ لحمي، جسمڪ جسمي، اُن جو جدا جدا ڏريل نام، سائين!
اُن جو جدا جدا ڏريل نام، هونئن هڪڙو حق ڏس تہ حديث اکر ۾.

2- حق ذات مان ذات ظهور ٿياسي، موليٰ وٽ منظور ٿياسي،
حق نور منجهان نِج نور ٿياسي، آهن اُن تي صلوات سلام سائين!
آهن اُن تي صلوات سلام، جي پنجتني پاڻ پهريائين چادر ۾.

3- حُبدار حسين جي تي رحمت الله جي، بغضدار حسين جي تي لعنت الله جي،
سچي سا حديث رسول الله جي، اهو نبي ڪريم جو ڪلام، سائين!
اهو نبي ڪريم جو ڪلام، ويسهہ آندم پيغمبر ۾.

4- ڪي صاحب ڪن جا پير پيارا، ڪي صاحب ڪن جا آهن سردارا،
شايد هوندا اُن حاڪمن ڏي اُهي حبدارا، آهي منهنجو محبوب امام سائين.
آهي منهنجو محبوب امام، جو ٽيڙو شهيد ڪربلا جي سفر ۾.

5- چئي "منٺار" مراد اهائي، آهي منهنجي ويسهہ واري اعتقاد اهائي،
من بخشي امام امداد اهائي، آءٌ ٿي گذاريان سندس غلام سائين!
آءٌ ٿي گذاريان سندس غلام، توڙي هِتي، توڙي هُتي محشر ۾.

ٽلھ: حَسن حسين جي لاءِ هاءِ، ميان حسن حُسين جي لاءِ،
ڪرڻ سِر قربان مناسب.

Gul Hayat Institute

1- جنهن کي حُب حُسين جي ناهي، اُهو آدم انسان بہ ناهي،
اُهو اوُلاد يزيد جو آهي، جي پڙهي قرآن سڻاءِ هاءِ ميان!
جي پڙهي قرآن سڻاءِ، تہ بہ چوڻ نہ تنهن کي مسلمان مناسب.

2- هنجهون مير حسين لاءِ هارج، سور سيد جو ڪيم وسارج،
غم انهيءَ ۾ گوشت ڳارج، آب اکين مان وهاءِ اهاءِ ميان!
آب اکين مان وهاءِ، ڪرڻ اهو ارمان مناسب.

3- صدق شاهه حسين تان ٿجي، ساهه پساهه نيت تنهن ڏجي،
پيالو شهادت وارو پئجي، سر اوڏهون اُڇلاءِ هاءِ ميان!
سر اوڏهون اُڇلاءِ، ٿين پتنگ پروان مناسب.

4- اي "منٺارا!" مرد جي ٿيڙا، سي پرزا ٿي پڙ ۾ پيڙا،
حيف حياتيءَ جا هي ڏينهڙا، جيئڻ نه تو کي جڳاءِ، هاءِ ميان!
جيئڻ نه تو کي جڳاءِ، جڏهن هي جهان مناسب.

تلهه: هن مهل ۾ مولا علي علي سائين! هن مهل ۾ مولا علي،
اچي مشڪل ڪاٽ مون مسڪين جو.

1- ٿا ڪسن خارج هيل هچارا، ٿي پشتي پٺ پنهنجي تون سڳ پارا،
آءِ هتي، هتي تو حيدر ڏارا ٿو ڳوليان ڪاڻ ڳلي ڳلي سائين!
ٿو ڳوليان ڪاڻ ڳلي، تون آهين ڌڻي ۽ مالڪ، رسول جي دين جو.

2- مون کي اڄهو اولو اوٽ اوهان جي، تاري الم تحقيق توهان جي!
تون سيکنهن اوکيءَ ويل اسان جي، ٿي واهر وارث ولي ولي سائين!
ٿي واهر وارث ولي، مون کي تو منجهه ويسهه دل جي يقين جو.

3- جو تنهنجي دروازي جي سڳ جو دشمن، رکي رقيب جو ظالم ٿو ظن
سو ڪر پَسم ترت ٿي ٿڻي رهزن، تنهن هڻ تڙيل کي تلي تلي سائين!
تنهن هڻ تڙيل کي تلي، ته لهي غم مون ويچاري غمگين جو.

4- تنهنجي ميراثيءَ مڱڻهار جي، پينوءَ ويچاري، پَٽ پان پينار جي،
۽ هاڻ هتي پوءِ مهند "منٺار" جي، ڪر سيڪا ساعت يلي يلي سائين!
ڪر سيڪا ساعت يلي، ٿو آهي لفظ چوان آمين جو.

Gul Hayat Institute

تلهه: هئي هئي مير حُسين جي ماتم ڪئون،
ديءِ ملڪ روون انسان سوين.

1- شمر لعين، بي ايمان نادان آهي، جنهن شاهه حسين شهيد ڪيو.
تنهن کي لعنت ٿا لک ملڪ ڏين، منجهه فلڪ سڀ ڪنهن آسمان سوين.

2- ڪربلا جو هنگام قيام ڏسي، هئي هئي حورن ڪيو هو ماتام ادا،
سارا انبياءَ نبي منجهه بهشت جنت، اهو غم ٿا رکن غلمان سوين.

3- محمد مير موسيٰ نبي ڪليم الله، ابراهيم ۽ نوح نبي الله،
ڪن ٿا گريو غم، رت روز روُن، حضرت آدم ڪيا ارمان سوين.

4- چئي "منٺار" سؤ وار صدقي، جند جان قربان شهيدن تان،
ان سور ڪَنئون، لک پور پون، مون ڪي قلب هينئڙي ۾ ڪان سَوين.

تلهه: هيءُ هيءَ نيت امام حسين جي، سر پنهنجو ڏيڻ مناسب يار اٿئي،

1- ڇڏ حرص دنيا جي هوَس کي، ڇڏ لذت سکن جي سانگن کي،
طالب موليٰ جو مذڪر، ايءَ حديث چئي سردار اٿئي.

2- عاشق مرڻ قبول ڪري، آيا پِرت منجهان پنهنجا پير پري،
پوءِ مرد اُهي منظور ٿيا، جن جا سوريءَ تي سر ڌار اٿئي.

3- اچ تون! رضا منجهه راضي ٿيءُ ڪٽي پتنگ بهادر غازي ٿي،
جي تون منو سر ساهه ڪندؤن، تان پوءِ محبت منجهه ميار اٿئي.

4- وقت ويل هٿ ڪين اچي، ڪو ڪروڙ پدم لک سؤ خرچي،
جنهن ۾ تنهنجو رنگ صاف رچي، اُهَا مهل اُها "منٺار" اٿئي.

ڪيڏارو تار چئنچل

تلهه: ڪندو بات بندو ڇا بيان جي،
شهيدي شاهه حسين جي شان جي.

1- ڪا جا ڏٺيءَ ڪوئنين جي، ثابت سيد ثقلين جي،
حق ۾ حسن ۽ حسين جي، تعريف ڪيل جلشان جي.

2- هو ذاتي مليل ذات ۾، اعليٰ ارض السماوات ۾،
جنهن جي عزت ڪل آيات ۾، هلي معنيٰ ڏسو قرآن جي.

3- جڏهين ايندي ويل قيام جي، تڏهين اڪ اُپٽي عام جي،
پوءِ ڏسندا عزت امام جي، جڏهين ٿيندي مهل ميزان جي.

4- اُن جا چوندو مناقبا "منٺار" ڇا، چوندو سارو جڳت سنسار ڇا،
ڪندا شاعر ڪي شمار ڇا، جن جي طاقت ناهي ڪا زبان جي.

تلهه: ڪر غم حسين امام جو، جو پيارو محمد ڄام جو،

1- جنهن جو غم حضرت رسول کي، تنهن موليٰ جي مقبول کي،
ڏک بيبيءَ پاڪ بتول کي، آهي ڪاڙهو روز قيام جو.

Gul Hayat Institute

2- جنهن لاءِ حوروُن پريون هيءَ هيءَ چون، رت روز راتو ڏينهن رُئن،
سارا انبياءَ ارمان ڪن، ڪن ملڪ هل ماتام جو.

3- پنهنجي دل ڪجانءِ درياف ۾، ته مالڪ چيو آهي مصحف ۾،
ڇٽندو عالم سندس اوصاف ۾، مون ڪي قسم رب جي ڪلام جو.

4- اي ”منٺار“ تون جيتر جيئن، ته گهُر الله وٽان ائين،
۽ پوءِ پاڙيسي من ٿئين، تنهن ڪربلا جي مقام جو.

تلهه: تڏهين دل اندر فرياد ٿئي، جڏهين ڪربلا جو ڏينهن ياد ٿئي.

1- جهڙ اوکي حُسينؑ سان هئي، تهڙي نه سختي ڪنهن سُئي،
اهڙي رُوئڻ رُج ۾ رُهي، نابي عدل بي داد ٿئي.

2- جي مير محمد جا منا، هئا ڏيهه ساري جڳ ڏنا،
تيئن ڪل نه ڪي ڪونڌر ڪُنا، تيئن ڪو ناقبيلو باند ٿئي.

3- اجا هَئي هَئي پيو ڪريان هتي، جو تن لاءِ تڪا ٿيس نه تتي،
۽ ملڪيت يتيمن جي جتي، لُٽجو ناحق برباد ٿئي.

4- آهي ”منٺار“ جو مقصد ميان ته پيالو شهادت جو پيان،
حَسنين جي حملي ۾ ٿيان، شل مون تي اِها امداد ٿئي.

تلهه: شهزادا شاهه حسين جا، ڪٺا ڪربلا منجهه ڪافرن،
امام ڪي اوٺيهه سؤ، تن زخم ڪيا هئا ظالمن.

1- هئي هئي حسين فقير ڪي، موذين ذتاريو مير ڪي،
۽ آندائون امام امير ڪي، لکي ڪوڙا ڪاغذ ڪوفين.

2- پيئي من ۾ بي مراد ڪي، ڪيائون قابو نديءَ فرات ڪي،
لڳي اُڄ عليءَ جي اولاد ڪي، جو پاڻيءَ بنا جيرا جلن.

3- لشڪر يزيدي هئا گهڻا، جيئن مثل واريءَ جا ڪڻا،
هُئا امام ٻاهتر ڄڻا، سَوَ لک ڪُٺا ته ٻه سورهن.

4- جي لشڪر يزيد بي ايمان جا، هئا حافظ ڪلام قرآن جا،
سڏايو اُمتي آخر زمان جا، ڪن ڪيس ۽ ڪلمان پڙهن.

5- جنهن جو جبرئيل هو دايو، جنهن ڪي نبيءَ پاڻ نپايو،
تنهن تي شمر خنجر وهايو، لک لک هجي تنهن لعنتن.

Gul Hayat Institute

6- جڏهن الله محشر جو ڏينهن تپائيندو، تڏهن رب رسول کي سڏائيندو،
سو اڇي بيبيءَ کان خون بخشائيندو، تڏهين اُمت ڇٽندي کان دوزخن،

7- "منٺار" ڇئي ماتم ڇوان، ڏينهن رات پرين لاءِ روئان،
پنجتن جي پاسي شل هئان، مهندان هميشه ٿون مالڪن.

ٿلهه: جي هَئي هَئي حسين ڪري ويا، اُهي عاشق پنڌڙو پري ويا.

1- غم انهيءَ ۾ منصور هو، جنهن کي شاهه حُسين جو سُور هو،
ٿيو مقصد سندن منظور هو، تڏهين سُوريءَ تي سرڙو ڌري ويا.

2- اِن افسوس ۾ عطار هو، جنهن کي غم انهيءَ جو ويچار هو،
سِر ڏيڻ تي همــوار هو، اَڇي عشق جي ۾ آري ويا.

3- ٻيو شمس شاهه تبريز هو، جنهن کي غم حُسين جو تيز هو،
پنهنجي الله سان آميز هو، تڏهين حق وارا هوڪا ڀري ويا.

4- ڪيو اِن سوز صوفيءَ سِر جُدا، جنهن اُچلي ڏنو نام خدا،
ٿيو سندن مقصد مَدا، جو ڀالي تي غزل گَهڙي ويا.

5- ائين مجنون ڪيئن مستان هئا، اُن درد ۾ ديوان هئا،
ان جوش ۾ سي جوان هئا، ٻر ٻر جيئن باهه ٻَري ويا.

6- اي "منٺار"! اهڙا هزار هئا، جي مُلڪ ساري ۾ سُئا،
سَوَ پيا ڳڻن پُوڇين پوئا، جي محبت انهيءَ ۾ مري ويا.

ٿلهه: اِمام کي ڪيو اَمر الله، تڏهين ڪُسڻ آيو هو ڪربلا.

1- لاءِ حسين فقير هيءَ، هئي لکيءَ تقدير هئي،
سا ڪئي قبول امير هئي، جيڪا گهُري رب جَل جلا.

2- هو اِرادو الله ڪريم کي، سو سيباٽو سيد سليم کي،
ڏنا ڏک يار يتيم کي، سورن جا سِر تي سر سلا.

3- ٻڌي جبرائيل ملائڪ کان، رُنو فاطمه فراق کان،
تڏهين جواب ٿيو رب پاڪ کان، تہ حسنين لاءِ ٿيندا جر جلا.

4- گهر "منٺار" حب حسنين جي، جن کي بادشاهي ڪوئينن جي،
ڪر صدا هيءَ ڏينهن رَين جي، پنجتن اڳيان پائي پَلا.

Gul Hayat Institute

تلهه: جنهن کي نبيءَ پاڪ نپايو، تنهن کي ڪافر ڪيئن ٿي کُهايو.

1- لک لعنتون يزيد کي، ڏيو عامر ۽ ٻي عبيد کي،
هجي لعنت شمر شديد کي، جنهن خارجي خنجر وهايو.

2- منجهه ظاهر مسلمين هئا، پيغمبر جي پاسي ڪين هئا،
اُهي بي رحم بي دين هئا، جن رسول جو روح رنجايو.

3- هو ڏوهٽو حضرت رسول جو، فرزند علي مقبول جو،
هو پيارو بيبي بتول جو، پٽ معاويي جي مارايو.

4- اي ”منٺار“ هن ماتام جي، آهي ڪل سچن کي قيام جي،
جن کي حب حسين اِمام جي، تن کي آرام نه آيو.

راڳو: تار ڏاڏرو

تلهه: ڪربلا جي ڪا خبر ڪبوتري ڪئي،
فرياد يا رسول! هڪل تنهن اچي هنئي.

1- تنهن پکڙاتون پکيءَ جون، هيون رتيون رت ٻئي،
ٻولي هاءِ حسين جي، اچي لات تنهن لَئي.

2- پرولي تنهن پکيءَ جي، جان پروڙيئون پيئي،
ته سيد شير شهيد ٿيا، ۽ ڪري رڪ رئي.

3- پوءِ ڪٽي ڏنائون خاڪ سا، جا رسول ويو ڏيئي،
تان برابر خون ٿي، جيئن چاڳلي چئي.

4- تي قاتل جهلي ڪانه دهشت، شاهه جي دئي،
پوءِ متو ڏنائين ”منٺار“ چئي، نماز ۾ نئي.

Gul Hayat Institute

تلهه: مدام ڪريو مومنا! افسوس امامن جو،
ته ڪربلا ۾ ڪيئن ٿيو هو ڪوس اِمامن جو.

1- محمد مير يا رسول، پناهه پوش امامن جو،
يا حيدر قرار، همت هوش امامن جو.

2- يا حضرت عباس جگر گوش امامن جو،
۽ حُرُ هدايت ويو وٺي، ٿيو دوس امامن جو.

3- ويو جهنم منجهه يزيد تڙيل، ڏوس امامن جو،
ء جنت جاءِ ٿيو مڪان، سو فردوس امامن جو.
4- "منٺار" ڪي مدام جاڳي، جوش امامن جو.
گهڻو آسرو اٿم وڏو، سوس امامن جو.

تلهه: دل اڪين سان جن ڏٺو امام جو عَلم،
تن ڪي ڪين وسرندو ميان! ڪربلا جو غم.
1- ارواح تن عاشقن جا جيئڙا نه جم،
جن ڪي داغ درد جو، آهي من متي ماتم.
2- عاشق لک امام جا، ڪروڙيون پدم،
سي چون صَلوات صلي الله عليه وَسلم.
3- مصلحت موچاري مون ڪان، ء ڪي پڇن جي ڪم،
چوان ته حب چڱي حسين جي، ڪريم جو قسم.
4- "منٺار" ڪي مدام، اها آسڙي عزم،
شل نوڪري نصيب ٿئي، حسين جي هردم.

تلهه: اصل ڏينهن الست جي، امام ڪيو اقرار،
تڏهين ڪربلا جي ڪُسڻ لاءِ، حُسين ٿيو هموار.
1- طاقت ذرو تر جيترو، نه يزيد جو اختيار،
اها ڳالهه هئي مخفي ڳجهي، رڳو عشق جو اِسرار.
2- حُسين ڪي حق ٿي چڪيو، هو ابليس جو تڪرار،
هو وجي ذات ۾ ذاتي ٿيو، همت وڏي هوشيار.
3- اُن جُوءِ ۾ شيطان دشمن، ڪونه هو ڪفار،
جتي معراج مردن ٿي ڪيو، هو دوست جو ديدار.
4- تنهن سدائين سردار جو، هي منگتو "منٺار"،
هو فيض جو ڪارڻ اسان، سرور سخي ڏاتار.

Gul Hayat Institute

آسا: تار تين تار

تلهه: مون سان تي همراهه علي حيدر تون! نيازِ نبي ۽ نامِ الله،
مون ٻڌنڙ کي ٻيڙيءَ تي چاڙهي پار اُڪارج منجهوئن اوڙاهه.

1- رکيم آس اُميد اوهان ڏي، ٻي نه منهنجي واهر واهه،
ٿو پانيان دل ۾ ته ٿيندي مون ٽڪل تي، پنجتنن جي پاڪر پناهه.

2- ريءَ حب تنهنجي هن دنيا ۾، ٿيڙا هزار گهڻا گمراهه،
ٻيا حُبدار هٿان تنهنجي، سوين سڌريا اُهي ٿيا غوث قطب عارف اولياءُ.

3- منهنجو ٿي اُستاد ڪري امدادي، اي علم باطوني جا علماءُ،
سوئي سبق پڙهاءِ ته صاحب رب وٽ ٿيان، منظور ڏٽيءَ جي درگاهه.

4- آهي "منٺار" مداحي تنهنجو، سوالي سائل سنجهه صباح،
مون تي حسن حسين امام جي صدقي، ڪر ڪا نواز جي نظر نگاهه.

ڪانرو: تار ڏاڏرو

تلهه: سرڪار خدا جيءَ جو، تون مختيار ياعلي!
ٿي حمايت مون سندي، هر وار ياعلي!

1- 'لا فتاح الا علي' حديث رسولي،
'لاصيف الاذوالفقار' تنهنجو هٿيار، ياعلي!

2- تون شير خدا جو صفدر آهين اسد الله،
تون آهين دُلدل مٿي هسوار، ياعلي!

3- تون ساقي ڪوثري آهين، يا حيدري قرار،
۽ ڪُل ولين جو تون آهين ڏاتار، ياعلي!

4- هيءَ عرض اوهان کي ڪري، حبدار حسيني،
سو تنهنجو، پان گهري دان، ٿو "منٺار" ياعلي!

تلهه: سرتاج ولين جو، تون سلطان ياعلي،
ڪر سگهو مشڪل منهنجو آسان، ياعلي.

1- مَلڪ جبرائيل جو، اُستاد تون آهين،
۽ ڪُل پيغمبر جو تون نگهبان، ياعلي.

Gul Hayat Institute

-2 آهي قول محمد جو، 'لحمڪ لحمي' لاءِ اوهان،
تہ جسم جان هيڪڙو، ناهي ٻيو گمان، ياعلي.

-3 'قوت پروردگار'، لقب تنهنجي لاءِ،
تون شير يزدان، شاهہ پهلوان، ياعلي.

-4 آهي "منٺار" مداحي تنهنجو، ۽ حبدار حسيني،
سو تنهنجو يان، گهري دان، ڏي ايمان، ياعلي.

ٿلهہ: يا محمد! يا علي!، حسنين سر جا ڏاتار ٿيا،

-1 اردالسموات آسمانن، سونهن سي سينگار ٿيا،
سج چنڊ تارا ۽ ڪتيون، تائب سندن تڪرار ٿيا.

-2 عاشق ۽ معشوق رب، لقبن ٻنهي مختيار ٿيا،
پوءِ رضا رب جي قبولي، حق سين هموار ٿيا.

-3 انا احمد بلاميمي، اهڙي مثل اظهار ٿيا،
لحمڪ لحمي، جسمڪ جسمي، خود اهو اسرار ٿيا.

-4 "منٺار" چئي محبوب سي، ساقي سندم سردار ٿيا.
نبين ولين قطبن جا، مهڙ سي مهندار ٿيا.

ٿلهہ: آهيان سوالي محمد يا علي، حسن ۽ ٻئي حسين جو.

-1 سجاد زين العابدين، باقر، اوجر عينين جو،
جعفر، ڪاظم علي رضا، تنهن نور نبيءَ جي نين جو.

-2 تقي، نقي، اصغر علي، مهدي ڏٺيءَ دارين جو،
دستار جن تي آئيو، سيد الثقلين جو.

-3 شافي محشر جا اُهي، آهن رهنما دن رين جو،
ساقي لقب جن کي مليو، آهي ڪوثر ۽ ڪوئين جو.

-4 آءٌ مطيع اُن جو آهيان، ۽ لاٿم نقطو غين جو،
"منٺار" مڱڻهار ڪيو، سوال سڻندم سين جو.

Gul Hayat Institute

ملاري: تار تين تار

ٿلهه: حسن حُسين جي لاءِ هاءِ! عرش زمينون آسمان سڀ رُئن،

1- بادل روئي آگم سارو، گوڙ حسين جو آهي، نغارو،
خود آب الله وهائي هاءِ!، مٿيان ملڪ مڪان سڀ رُئن.

2- رُئن حسين لاءِ نبيءَ نرمل، سور انهيءَ ۾ اڪمل مڪمل،
ساري روئن ٿي خلق خُداءِ هاءِ!، جملي جوڙ جهان سڀ روئن.

3- پکي پکڻ روئن سڀ ذاتيون، مَلڪ ماتامي روئن ڏينهن راتيون،
ڪَن وائي حُسينا، واءِ هاءِ!، افسوس انهيءَ ارمان سڀ رُئن،

4- حوران ٻ روئن، پريان ٻ روئن، يا حُسين جي ٻولي چوئن،
هت بهشت جنت جي جاءِ، هاءِ!، غم ۾ انهيءَ غلمان سڀ روئن،

5- جهنگل روئن وڻ ٽڻ سارا، سور حسين جي ڪيا سمونڊ سڀ ڪارا،
تنهن سهٽي سيد جي لاءِ هاءِ! اُين سندا دربان سڀ روئن.

6- روئن سندن "منٺار" ماتامي، حسن حسين جي مجي غلامي،
جوئي پنبٽيون روز پُساءِ هاءِ!، جند جان اکيون قربان، منهنجون روئن.

ٿلهه: محرم ۾ ماتام، افسوس امامن جو ڪريو زلزلو.

1- حيف هجن مروان شمر کي، دين ڇڏي جن ڪنيو ڪفر کي،
هئڙن نسل حرام، تڏهين آيا فوج ڪري غلغلو.

2- غم حسين جو شمس قمر کي، سور سمونڊ جي آهي بحر کي،
روئن ٿا مَلڪ مدام، ڪرسيءَ عرش ڪيو ٿرٿلو.

3- جيڪي نبي آهن فردوسي، ڪل جي ڪافر تي دل ڪوسي،
ڪن ٿا حشر هنگام، سور انهيءَ جو اٿن سرسلو.

4- چئي "منٺار" انهن جو آهيان، سندن ماتامي پيو سڏايان،
مون کي من ڪونين ڪري غلام، منهنجو ناهي انهيءَ ريءَ ٻيو ٻلو.

ٿلهه: ڪربلا جو ڏينهن، مومن! ياد ڪرتون.

1- علي جي اؤلاد تي، مولي وسايو ڏس مينهن.

2- شير شهادت رسيا، نيبهه ٽيڙن نينهن.

Gul Hayat Institute

3- حب رکي حسنين ڏي صدقو سيد تان ٿيءِ.
4- لاءِ محبوبن اي "منٺار"! مرڻ پيالو پيءِ.

ٿلهه: حسنين جي لاءِ ڪر هاءِ هاءِ ادا! سر نام خدا جي اُجلاءِ، هاءِ هاءِ!

1- حسين سچي جي پارئون، ملڪن ٻـ ڏنيون اوچنگارون،
تو تي تـ هزار ميارون، جيڻ نـ تو کي جڳاءِ، هاءِ هاءِ!

2- حسنين جي تون رهـ غم ۾، ٿي ڪيم ڪچو انهي ڪم ۾،
دل دوڙ پنهنجي سيئ دم ۾، منهن مونن جي وچ پاءِ، هاءِ هاءِ!

3- حسنين جي غم ۾ هوئج، هئي هئي تـ هميشہ چوئج،
ڏينهن راتيون تون نت روئج، ۽ اکين مان آب وهاءِ، هاءِ هاءِ!

4- آدم ۽ حوا ٻئي افسوس ۾، سڀ نبي رو وَن فردوس ۾،
حورون ۽ ٻيون پريون جلن جوش ۾، خوشيون ڪلڻ تـ تو نـ رهاءِ، هاءِ هاءِ!

5- سُڃن ڳالهيون امامن واريون، اهڙيون قيامتون ٻيون نـ ڪاريون،
سي ڪيئن تو "منٺار" وساريون، تنهنجي حيف حياتي اهاءِ، هاءِ هاءِ!

ٿلهه: هر دم افسوس امام جو، آيو محرم ماهہ ماتام جو هاءِ!

1- ڪربلا ۾ قيام ڪهاٽي، جتي شاهہ شهادت ماٽي،
پليو هو پليتن پاٽي، ڏهئي ڏينهن تسيو طعام جو هاءِ.

2- هاءِ هاءِ حشر ٿيو هولي، ياحسين ياحسين ياحسين جي ٻولي،
پائي ملڪن سُوءِ جي چولي، ٿيو قضيو ڏينهن قيام جو هاءِ،

3- ڪريو ياد عليءَ جي پُٽن کي، نبين ٻـ رُنو هو تنکي،
۽ واجب آهي مسلمانن کي، تـ مـر رو وَن اَهل اسلام جو هاءِ!

4- رَهـ شاهہ حسين جي سورَ ۾، ويئي اُٺي وهلور ۾،
رهـ ماتام جي مذڪور ۾، تو کي دم دشمن عيش آرام جو هاءِ!

5- حـُج حاڪم رب سان ناهي، جو اهڙا ڪوس ڪرائي،
تنهن سان ڪير ٻيو شراڪت ساهي، جنهن تي لقب تـ ٿهرئي نام جو هاءِ!

6- "منٺار" روئج ڏينهن راتيون، تون هاڻ نـ گهرج حياتيون،
گهر موئت شهادت ڪاتيون، من ٻانهون ٿئين تون عليءَ ڄام جو هاءِ.

تلهه: هاءِ هاءِ! حسين زاري، سائين سڻ فرياد ياعلي،

-1 جيڪو والي تنهنجي مسند جو، پڳدار پيارو محمد جو،
هليو حڪم مڃي خاوند جو، ڪربلا ۾ قيامت ڪاري،

-2 ڪر علي شاهه عدالت، تيءَ مولي شير مدارت،
هڻ لعين شمر ڪي لعنت، ڪر دُلدل تي هسواري.

-3 سڻ عرض سندم اولاڻون، تي دين شريف جو داڙون،
پَٽ بيڪ ڪفر جون پاڙون، اسلام کي ڏي آذاري.

-4 "منٺار" سندءِ مڱڻهارو، تو ڪان پني هيئن پينارو،
تہ مون ڪي حسن حسين هڪ وارو، سي امام اکين سين ڏيکاري.

تلهه: قهري قهار تون آهين رب ڏاڍو الله جلشانا.
ڪربلا ۾ شاهه کهائيي افسوس اٿم ارمانا.

-1 بيبيءَ سچيءَ جا پيارا دل دادلا دلدارا،
معصوم هئا موچارا سي پٽون ڪرائيي پروانا.

-2 حضرت علي جا فرزند ڪوڏئون نپايا محمد،
سي ڪوني کهائيي خاوند آٿي ڪٽڪ ڪفرانا.

-3 دل جاني نبيءَ جا جيارا سڀ فوج جا سالارا،
اسلام جا تہ اوجارا اُهي صوبا مارائيي سلطانا.

-4 ذڪريا نبي چيرائيي يوسف مصر وڪڻائيي،
يونس مڇي منجهہ پائيي بحرن اندر غرقانا.

-5 جيڪوئي تہ عالم اُپائيي، تنهن ڪي ذائقو موت چکائيي،
پيو باقي تہ ڪونہ بچائيي هڪ تونهين بقائي صبحانا.

-6 تو جو نالو قهار سڏايو اُت پڳئي سين جو پانيو،
"منٺار" ڳچي پاند پايو پري توبہ زاريون ۾ جانا.

تلهه: حسنين جي لاءِ حورون غلمان، عاشق مشتاق ملائڪ سڀ،
ڏهئي ڏينهن ماهہ محرم جا ٿا تين، غمناڪ ملائڪ سڀ.

-1 اهو افسوس انبين ڪي، منجهہ فردوس نبين ڪي،
ايءُ وڏو وهلور ولين ڪي، رُئن پنج تن پاڪ ملائڪ سڀ.

Gul Hayat Institute

2- روئي خاتونِ جنت بتول، رئن موليٰ سندا مقبول،
ءِ رُئن رفيق ساڻ رسول، منجهہ لولاڪ ملائڪ سڀ.

3- بنا لشڪر يزيد بي ايمان، پيا رو وَن سڀ قوم جا سلطان،
زمينون ءِ مٿيان آسمان، عرش افلاڪ ملائڪ سڀ.

4- آهي چوڻ ڪامل ولين جو، تہ آهي شان شهيدن جو،
ءِ اعليٰ اقبال امامن جو، ڪَنئون ميثاق ملائڪ سڀ.

5- ٿو پنهنجا پرکي اوزار رب عالمين، پرکئين اوزار يزيد ظالمين،
پرکئين اوزار حسين صابرين، آزمايائين اخلاق ملائڪ سڀ.

6- ايندي جڏهين ويل قيامت جي، ملندي موڪل اُن جي سبب شفاعت جي.
لهندي جتي سُوءِ خاتونت جي، ملندي ماتمين پوشاڪ ملائڪ سڀ.

7- ڪري سيد تي صلوات سلامي، هردم هروار ٿو مدامي،
ءِ روئي ٿو "مننار" ماتامي، منجهہ سڪڻ فراق ملائڪ سڀ.

ٿلهہ: تنهن عاشق جو اقبال الله ڄاڻي، جو حسينؑ سرتاج عاشقن جو،
رکايو رب پاڪ جنهن جي سِر تي، اعليٰ چٽ تاج عاشقن جو.

1- ٻُڌو جنهن تنگ توڪل جو، سينگاري سنج ساج عاشقن جو،
2- ٿي رضا تي رب پاڪ جئي راضي، قبوليئي ڏک ڏاج عاشقن جو،
3- ٿي صابر ايوب ڪئون بہ سرسو، سو رکيائين رواج عاشقن جو،
4- سي سهي سِر سُو ساٿيڙن جا، ڪيائين قاسم وارو ڪاج عاشقن جو.
5- پوءِ پاڻ بہ ٿيو شهيد سجدي ۾، ڪيئين موچارو معراج عاشقن جو،
6- جنهن جو ٿيو سر سوار نيزي تي، جو مجرب علاج عاشقن جو.
7- اڃا هن ڪماليت کي ڪين رسيو منصور، جو شاگرد هلاج عاشقن جو.
8- من ٿئي "مننار" سندس حبدار، جو پياسي محتاج عاشقن جو.

ٿلهہ: شائق شبير جا عاشق، مڙئي منصور ٿي ويڙا،
ڪيئون سر ساهہ پنهنجا صدقي، انهيءَ دستور ٿي ويڙا.

1- جي ٻاهتر شهيد ٿيا ساٿس، سي معراجي مثل طور ٿي ويڙا.
2- جي فنا في امام جا عاشق، سي نور منجهان نور ٿي ويڙا.

Gul Hayat Institute

-3 ٻيا حسنين جي حُب ري، انڌا معذور ٿي ويڙا.
-4 ڏنئون ريا جي فتويٰ وٺي رشوت، سي ماياتي مغرور ٿي ويڙا.
-5 ڪي سڙي ڳالهيون غم اُنهي جون، ڦٽيل ڇڪ ڇُور ٿي ويڙا.
-6 ڪي ماتامي "منٺار" حسيني حُبدار، سي ملنگ منظور ٿي ويڙا.

ٻيروي: تار ڏاڏرو

ٿلهه: بنا حسنين جي حُب ڪان، اصل آسرو نہ محشر جو،
سچي اها ڳالهہ، ڪر اعتبار، قسم الله اڪبر جو.

-1 اصل ايمان انهيءَ جو ويندو، نڪي سو مسلمان مؤمن ٿيندو،
نڪي نبي زمان اُنهيءَ جو ٻيندو، نڪا ٻي شفاعت بخش سرور جو.
-2 جو خارج خراب ڪيل خاوند جو، آهي سو دشمن احمد جو،
نڪي سو ڏسي منهن محمد جو، پاڙو نہ ملندس پيغمبر جو.
-3 جنهن جي حب حسنين ڏي ناهي، سو اصل ابليس جند آهي،
جي عليءَجي دروازي تي وجي دانهين، تہ بہ ملندس نہ قطرو ڪو ڪوثر جو.
-4 نڪا تنهن جي جاءِ جنت ۾، ٻيو نڪو ٻاڳو نعمت ۾،
ٿيندو ڪاڙيارو قيامت ۾، پوءِ لقب ملندس ڪافر جو.
-5 ويچارو "منٺار" پني ٿو پينار، تہ هجان شل حسنين جو حُبدار،
هجان شل نوڪر هميشه هروار، آءٌ سندن درگاهہ جي در جو.

ٿلهه: هُئا حسن حسين عليءَ جا فرزند، جن تي ربي عشق هو آيو،
سي مجي مرضي مرد ويڙا، جيڪو هو رب پاڪ جو رايو.

-1 هئي اها معلوم امامن کي، ڪُسڻ جي ڪل عشاقن کي،
نہ بہ ٿي گهٽي محبت مشتاقن کي، ڏيڻ سِر جو اصل سعيو.
-2 هو اِهو اسرار عبرت جو، ڳجهو مخفي راز رحمت جو،
سو وٺڻ جامو شهادت جو، شهيدن ڪربلا ڏي ڪاهيو.
-3 ڏنئين ٿي ظلم يزيد ڪافر جو، ڏنئين ٿي صبر حُسين سرور جو،
ٿيو امتحان الله اڪبر جو، جنهن عاشق جو ايمان آزمايو.
-4 هي ملنگ "منٺار" سندن درجو، آهي سائل حُسين سرور جو،
سو پيالو حوض ڪوثر جو، گهري عليءَ ڪان امداد سِر نايو.

Gul Hayat Institute

ٿلهه: مدد منهنجي جلد ڪر تون، هيڻون ڏسي منهنجو حال، علي حيدر!
ڪجان مشڪل اڇي آسان، تہ ٽٽي آجوڪو احوال، علي حيدر!
-1 دُلدل جو هسوار آهين تون، حڪم رب جا هلائين تون،
مون کي ڪنان ويرين ڇڏائين تون، تہ لهي سور جي ڪال، علي حيدر!
-2 قوت پروردگار پهلوان آهين، ولين جو سرتاج سلطان آهين،
مُريدن مطيعن جو بہ نگهبان آهين، مون سائل جو سڻ سوال، علي حيدر!
-3 مهابي محمد پيغمبر جي، مهابي حسنين سرور جي،
قدم ڏيڻ سين ڪوثر جي، پلارا ڪر پال، علي حيدر!
-4 چوي ٿو "منٺار" عيبن دار، منگت مگٺهار، تو در پينار،
آءٌ گهران ٿو ينٽ يان، تون آهين ڏاتار، پنهنجو ڏس اقبال، علي حيدر!

پيروي: تار اولنگهه

ٿلهه: حُبدار آهيون حيدر جا ميان، علي شهنشاهه صفدر جا ميان!
-1 علي مالڪ مڪمل ميران، علي قادر قطب ڪبيران،
علي پير پهرو ٿيو پيران، توڙيئي ڪوٽ قلعا خيبر جا ميان!
-2 حسن منهنجي حسين حمايت، والي وارث آهن ولايت،
شان جنين جي منجهہ شهادت، آهن مالڪ ٻئي محشر جا ميان!
-3 زين العابدين مير منور، محمد باقر دل جو دلبر،
آءٌ بہ غلام انهيءَ جو نوڪر، اسين جماعتي شاهه جعفر جا ميان!
-4 موسيٰ ڪاظم جو شان شهانو، علي رضا جو آهيان ٻانهو،
تقي نقي نئون سر قرباتو، اسين اَمر بندا اصغر جا ميان!
-5 مهدي مالڪ مير مڪمل، اعلي افضل نور اڪمل،
آءٌ تہ زيارت ڪارڻ سائل، آهيون سڪدار سچي سرور جا ميان!
-6 منگي "منٺارو" منڌ موالي، شوق شراب جي لاءِ سوالي،
ڪري پنهنجي هٿ پاڻ پيالي، ڏيندم قدح پري ڪوثر جا ميان!

Gul Hayat Institute

تلهه: سردار حسين ڪي ساريان، تڏهين آب اکين مان هاريان.

1- سيد جي سختيءَ جون ڳالهيون، سٽيو ڪوهه جهان ۾ جاليون،
حيف اسان جون هي خوش حاليون، پاڻ پنهنجو ڇو نه ماريان.

2- شاهه حسين لاءِ ملڪ رو وَن، حورون پريون غم ۾ هو وَن،
عرش زمينون هئي ڇو وَن، پوءِ آءٌ ڇو نه اوساريان.

3- سوز حسين جو سور اندر ۾، ويتر ٿيو وهلور اندر ۾،
غم اِهو معمور اندر ۾، ۽ گوندر ڏينهن گذاريان.

4- ٻانهو سندن "منٺار" مدامي، شاهن شاهه جي مجي غلامي،
حَسن ۽ حُسين ٻئي ٿيندا حامي، جنهن وقت سنياريان.

پيروي تار ڏاڏرو

تلهه: ڏک ڏاج پيارن متي موليٰ مڪايو، ايمان عاشقن جو الله آزمايو.

1- آدم ڪي ٻه الله، بهشت مان لوڏايو،
پوءِ آٽي ابراهيم ڪي، آڙاهه چڙهايو.

2- حضرت يونس ڪي، مڇيءَ ۾ لوڙهايو،
ڪڏي ڪوهه مان يوسف ڪي، مصر ۾ وِڪايو.

3- ذڪريا نبيءَ ڪي، ڪرٺ سين چيرايو،
پوءِ حسن مديني ۾، زهر سين مارايو.

4- اُهي ڪُسڻ ڪن قبول، جن تي عشق آيو،
پوءِ ڪربلا جي ڪوس ۾، تِن پير پايو.

5- حضرت حسين ڏيڻ سِر سنباهيو،
تنهن واسطي خدا جي، ڪُلهن ڪان ڪپايو.

6- شاهن شاهه شبير، ڏنو رب جو رايو،
سو اَمر علي زادن، برحق ٿي پانيو.

7- تن سَڪ ۾ صابرين، شاڪرين سڏايو،
ان مرڻ ڪان "منٺار"، پاڻ نا لڪايو.

Gul Hayat Institute

ٿلهه: ويندڙ واسطي خدا جي، منهنجو نيج نياپو،
۽ نيج نياپو، منهنجو نيج نياپو.

1- آهي امام جيڏانهين، تنهنجو پڻ پنڌ تيڏانهين،
وڃ تون تتي هلي، جتي منهنجي جيءَ جو جياپو.

2- منهنجا نياز بي انداز، ڪجان عرض ادب سين،
آءٌ تنهنجي گولي، ڪر سوئلي، بيو منهنجو سڳ نه سياپو.

3- جي اڃي عجيب، سو قريب، هت حبيب هيلو ڪو،
ته آءٌ بهار سا تنهن وار، هوند قرار ٿيان پوءِ.

4- چئي "مننار" سو سردار، جي آڌار اڃي مون،
ته ساهه صحبت ۾، آءٌ محبت ۾، سر سنت ۾، ڏيان پوءِ.

ٿلهه: قاصد ڪي سو نياپو ڏيڻ، هو ڪو فرضي،
جڏهين آيو ڪربلا ۾، ٿو واهي لڙڪ لرزي.

1- هئا ٻاهتر شهيد ٿيا اهلبيت عليءَ جا، ۽ هو حسين زخمي،
هئي خدا جي مرضي.

2- پوءِ پانڌي پيش پئڙو، حسينڻ جي هاءِ هاءِ، ڪيائين سوال صغران جو،
احوال عرضي.

3- چي: ڪاڏي پنڌ تنهنجو، ائين چيو امام اُن کي، چي منهنجو
پنڌ پرانهون، آهي دور درازي.

4- پوءِ آيو ڪبوتر ٿي قاصد، وري چيو امام اُن کي،
اول ڪج نياز نبيءَ وٽ، منهنجو احوال عرضي.

5- پوءِ شمر لعين ڪيو شهيد، حسينڻ کي هاءِ هاءِ!
تڏهين پکيڙو ٿي رت ۾ اُڏاٽو، انبوضي.

6- پوءِ اچي پکيءَ، پاڪ رسول جي روضي تي رڙيون ڪيون.
سو سڻيو آواز صغران، ته پيو وڃوڙو وڳر ضي.

7- چئي "مننار" هي مذڪور، ڪندو ڪير سمرو،
هو وڏو سو واقعو، ايءُ نه هو تاب ترزي.

Gul Hayat Institute

ٽلهه: هو گڏ اِمام سين، عباس علـمدار حسيني،
جهيڙي جنگ سپاهه جو، سو سالار حسيني.

1- علـيءَ جـي اولاد جـو، هـو آذار حسـيني،
هئو حسب نسب هاشمي، ننگي ننگوار حسيني.

2- ڪـم ڪارخـاني جـو، هـو هوشيار حسيني.
هئو امـام جـو سـو، عـام مختيـار حسيني.

3- هئـو پيـارو پيغمبـر جـو، سـو دلـدار حسيني.
هئو ڏکـن ۽ سـورن ۾ گـڏ، همـوار حسيني.

4- سو ڪيئون شهيد شهادت ۾، سچو يار حسيني،
هن ڪافر ڪينءَ ڪُهايو، هڙو خُبدار حسيني.

5- هـي "منٺـار" مگڻهـار، هـي پينـار حسـيني،
آءَ سندن پان، هو ڏيندو ڏان، سو ڏاتار حسيني.

ٽلهه: قاسم شـاهه گهـوٽ جـي، اڄ سيج رات آهـي،
چڙهيو جوان جنگ تي، پنهنجي موڙن ڪي ملهائي وو!

1- هتـي ڏاڏي پوٽيـون رهيـون، مينـدي لائـي،
۽ هـُتان حـورون آيـون، سـانڙا سنباهي وو!

2- هتي چاچو هيـرا موتـي، گهـورون پيـو گهمـائي،
وري پيرين پئي حسين کي، ويو ڪٽڪ ڏي ڪاهي وو!

3- وڏئيـن ڪوفـي ڪيتـرا، ڪـافر ڪيرائـي،
پوءِ پيتيئن پيالو شهادت جو، پنيءَ رب جي رائي وو!

4- جنهن کي پوشاڪون پرٽي جون، ڏنيون ڳيچ ڳائي،
سـو اڄـو ويـس اُهـو، ٿـو رت ۾ رڳـائي وو!

5- جنهـن جـي حـورون ۽ غلمـان، وڏا حسـن هنـائي،
تنهن جـو مـٺ مهتاب کـو، سورج بـه نـاهي وو!

6- اهڙي جـوان جـو ايمـان، شـاعر کيـر سـاراهي،
شاديءَ سان گڏ شهادت، ڏسو دل کي ويجهائي وو!

Gul Hayat Institute

-7 جنهن لڏيون ڪين لائون، ڇڏيائون پلنگڙا وڇائي،
ٿيو صدقو سيد تان، ڪنڌ تو ڪپائي وو!

-8 هيءَ "منٺار" ڏکدار، رويو لُڙڪ وهائي،
تہ پنهنجي پيارن ڪي، رب ڪيئن تو کُهائي وو!

تلهہ: ڏهين ماهہ محرم، هو ڏينهڙو حشر جو،
ڪيئون شهيد حُسينؑ، مالڪ محشر جو وو!

-1 ٿيو يزيد ظالم، پٽ معاويئي منڪر جو،
تنهن ڪربلا ۾ کهايو، پيارو پيغمبر جو وو!

-2 جو ڪافر قاتل، سيد سرور جو،
تنهن ٿيو مڪان جهنم، لعين شمر جو وو!

-3 ۽ ويو ايمان ڪسجي، پين ڪيترن جو،
جي لشڪر هئا دوزخي، يزيد گبر جو وو!

-4 ڪيائون شهيد، ٻاهتر ڪُٽنب پيغمبر جو،
جنهن ۾ عباس عَلمدار پُٽ علي حيدر جو وو!

-5 ڪهڙو ڪريان بيان، قاسم شاهہ گهوٽ جي گذر جو،
ڪهڙو ڪريان بيان اڪبر، شاهہ علي اصغر جو وو!

-6 جنهن مٿي تي دستار محمد منور جو،
سو ڪيئون ڏار ڌڙ ڪان، سر حسين سرور جو وو!

-7 شراباً طَهُورا آب، بهشتي بحر جو،
تو شهيدن کي پياري، علي ساقي ڪوثر جو وو!

-8 ٿيو آب ڪارو، سمونڊن جي تَر جو،
ٿيو آسمان ڪارو، رنگ مثل اگر جو وو!

-9 ٿيا ملائڪ ماتمي، سُنهن خدا پرور جو،
ٿيو اُيرڻ وقت رنگ زردو، شمس قمر جو وو!

-10 هو مديني ۾ ماتم، جتي روضو رهبر جو،
هئڙو حال غمناڪ، رسول الله جي گهر جو وو!

Gul Hayat Institute

-11 هو حشر ڏينهن حرص وڏيو، يزيد منڪر جو،
هو ٻيو ٻه راڄ راضي، انهيءَ ڪافر جي شهر جو وو!

-12 هي "منٺار" هر وار رکي، اِرادو اندر جو،
تہ هجان شال حُبدار، شبير ۽ شبر جو وو!

ٿلهہ: هي ماهہ محرم ماتام هاءِ هاءِ!
ڪريان ياد حُسينڻ، يا امام هاءِ هاءِ وو!

-1 نبي نانو جنهن جو، محمد ڄام هاءِ هاءِ!
لٿو لاءِ جنهن جي، رب جو ڪلام هاءِ هاءِ وو!

-2 جنهن جي ٿي سگهي نہ ڪنهن کان، ثناءَ تمام هاءِ هاءِ!
تا پڙهن صلوات اُن تي سلام، هاءِ هاءِ وو!

-3 ٿيو يزيد ظالم بدنام، هاءِ هاءِ!
نسل تنهن نادان جو هو بدنام، هاءِ هاءِ وو!

-4 جنهن سڙيل ڪين سڃاتو اسلام هاءِ هاءِ!
تنهن فتني ۽ فساد ڪيو، ڪفر ڪام هاءِ هاءِ وو!

-5 حُسينڻ جو حُبدار، هيءَ غلام، هاءِ هاءِ!
روئي زار "منٺار" پيو مدام، هاءِ هاءِ وو!

ٿلهہ: اڄ ياد آهي يا حسين سردار، منهنجو خيال غمناڪ هاءِ هاءِ!
بي قرار وو!

-1 جنهن جي لاءِ جبرائيل، خدا ڪيو خدمتدار،
وري تنهن جي لاءِ شمر لعين، قاتل ٿيو ڪفار وو!

-2 تن سڙين ڪين سڃاتو، پيغمبر نبيءَ جو پار،
سي ڪُوفي، شامي، دمشقي، جن جي ڪلمي تي نہ اعتبار وو!

-3 ٿو رهي رات ڏينهان، ان ورونهن جو ويچار،
تہ پنهنجن پيارن جو، ٿو ڪري عجب آچار وو!

-4 ماءُ پيءَ ناني جو، نِج نور هو سو نبار،
سنياليو سور تنهن جا، ڪري ماتام "منٺار" وو!

Gul Hayat Institute

ٿلهه: هاءِ هاءِ! امام حسين کي، ڇو ٿو وسارئين،
ڇو ٿو وسارئين ادا! هُنجون نه هارئين.

-1 تنهن صابر سور سنا گهڻا، سيئي جي سارئين،
ته هوند واڪاڻون وريام جون، پرتئون پچارئين.

-2 سختيون سيد جون ٻڌي، گوندر نه گهارئين،
هاڻ رُئڻ ۾ سڀ راتيون، ڏينهڙا گذارئين.

-3 خوشيون کهڙي خيال سين، دل ۾ ٿو ڌارئين،
ڦقڙ جيرا، فڪر انهيءَ منجهه نه ٻارئين.

-4 ”مننار“! انهيءَ محبت ۾، پنهنجو پاڻ نه مارئين،
ڪنڌئون سر ڪپي، نيت اِمام اُتارئين.

ٿلهه: ڏجان امداد يا علي! گُهران سڀ دم جو سڌارو.

-1 نفس نادان، هئي شيطان، آهي هَيَل هچارو،
مون کي لٽ لاءِ، تون بچاءِ، ته ڏسان ڪپر ڪنارو.

-2 تون الله بي پرواهه، جو آهين شير سوڀارو،
آءٌ مسڪين، آهيان غمگين، مون تان لاهه مونجهارو.

-3 تون رسول، تنهن مقبول، جو آهين يار پيارو،
آءٌ يٽ يان، گهران دان، ٿو هر وقت ويچارو.

-4 آهي ”مننار“ مگڻهار، پنجتن جو پينارو،
آءٌ ته سوالي، ڇڏ مَ خالي، تنهنجو هي نام ڏاتارو.

Gul Hayat Institute

ٿلهه: خدا جو خاص، نِج نور، پنجتن پيارا،
ذاتي ذات مان ظهور، پنجتن پيارا.

-1 پنجئي نور پنهنجي منجهان، پاڻ خلقيئين ساري بنايت،
جو مُنڍ مُور پنجتن پيارا.

-2 حديثون ۽ آيتون پڙهي ڪو پروڙي، ته هڪڙو حق،
۽ هڪ حضور پنجتن پيارا.

3- منجهہ قيامت شفاعت اختيار اُني جي، لاهيندا سو وهلور،
پنجتن پيارا.

4- سي سردار ڏاتار، آءُ جهولي ٿو وڇايان، منهنجو ڪندا،
پاند پرپور پنجتن پيارا.

5- هي "منٺار" مڱڻهار، عرضدار اُني جو، منهنجو ڪندا سوال منظور،
پنجتن پيارا.

تلهہ: منهنجو وسيلو ٿيندا پنجتن، منهنجو وسيلو ٿيندا پنجتن،
منهنجو وسيلو.

1- سُٺي منهنجي آزي، ٿيندم راضي، ڪُل مشڪل ڪٽيندا پنجتن.

2- لاءِ اُمت جي، هن خلقت جي، عرض الله کي بہ ڇيندا پنجتن.

3- قيام جو تڙڪو، دوزخ جو دڙڪو، ساڻ لطف جي لاهيندا پنجتن.

4- مدت موچاري، ڪا دلداري، ڪرم ڪري اچي ڏيندا پنجتن.

5- ننگڙو سڄاڻي ٿيندم ساٿي، اچي "منٺار" کي نيندا پنجتن.

تلهہ: تي سائين مدارت علي حيدر! تي سائين مدارت علي حيدر!
علي حيدر، علي حيدر! تي سائين مدارت.

1- عرض ڪريان ٿو، روز گهران ٿو، تنهنجي زيارت علي حيدر!

2- تون آهين منهنجو والي، آءُ تنهنجو سوالي، تو کي منهنجي پارت،
علي حيدر!

3- سُڻ سوال اهي، تہ مون کي شل نصيب ٿئي، نعمت علي حيدر!

4- ڏج "منٺار" کي، عرضدار کي، هادي هدايت علي حيدر!

Gul Hayat Institute

جهنگلو: تار اڌڪ

تلهہ: امام حسين جو عرش فرش ۾، غم جو وڄي نوبت نغارو.

1- حسين جي غم ڪان چنڊ ۾ ڇانوڙي، سور انهيءَ ڪئون سج ۾ تاوڙي،
آسمان اونده ۾ ٿيو هي ڪارو.

2- سرخ روئي رت ڪربلا تي، ساري زمين بہ ترتلا تي،
ان سور ۾ سمونڊ ڪيو هي آب ڪارو.

3- آهي سندن "منٺار" سوالي، جام شهادت گهري پيالي،
شل نصيب ٿيئم پرين جو پاڙو.

ٿلهه: ٿئيم نصيب شريف شهادت، وو ٿيان مير حسين ساڻ مقامي.

1- صدق سندم آهي ڏانهن شهيدن، ڏسان اکين سين منهن محبوبن،
وو مون تان مجي آهي امام جي سلامي.

2- سندي شهيدن خذمت ڪريان، پنبٽيون پيرن تي وجي ڌريان،
وو اُتي ڪريان گولو ٿي غلامي.

3- سُٽج الله! آ آس اهائي، منهنجي ڪربلا ۾ قبر ڪرائين،
وو ڪي پيار پيالا پر جام ي.

4- صدق سيد تان هي سر منهنجو، ڪري قبول من پرين ڪن پنهنجو،
وو ڪي پيار پيالا پر جامي.

پرياتي: تار اڏڪ

ٿلهه: تون سردار ڏاتار سخي نام تنهنجو، آءٌ مڱڻهار پينار آهيان،
مدام تنهنجو.

1- تون امين، چڱو دين ڏيڻ ڪام تنهنجو،
يا حبيب! ڪر نصيب سو اسلام تنهنجو.

2- جن زبان ساڻ ايمان چيو ڪلام تنهنجو،
جنت جاءِ تني لاءِ سو انجام تنهنجو.

3- جي گنهگار بدڪار تہ بہ آءٌ غلام تنهنجو،
ننگدار نبي شافي لقب جام تنهنجو.

4- هي "منٺار" هر وار پينام تنهنجو،
سو يٽ يان، گهري دان، ٿو نئون انعام تنهنجو.

Gul Hayat Institute

ٿلهه: الله، يا علي، علي يا مولى علي ڪر تات تن ۾،
اهو ورد وظيفو پڙهه "منٺار" من ۾!

1- اهو ذڪر زباني پڙهج روحاني منزل ان جي ڪا آهي لاثاني،
سٽي سمجهه صحيح ڪر، پنهنجي هينئڙي جي ڪن ۾.

-2 اسم اهي ئي پڙهج سيئي تہ هت هـُـت حيدر اچي ڏيِ ڏيئي،
پوءِ رهين تون سلامت هن آخير سن ۾.

-3 هيءَ جا هدايت اٿئي امانت ۽ ڪڏهن ڪونہ ٿيندءِ خلل خيانت،
۽ ايمان تنهنجو هوئي امن و امن ۾.

-4 اڙي "منٺارا"، ٿيءُ هوشيارا پڙهہ پريت سان اسم سونهارا،
تہ ڪڏهن ڪين پوندين وري دوزخ اگن ۾.

بلاول: تار

ٿلهہ: سڻ عرض اِمام عباسا، يا عـَلمدار حسيني!

-1 من منهنجي تان ني وي ميان! مشڪل هول مڙيئي لاهہ وهم وسواسا،
يا عام مختيار حسيني!

-2 پنهنجو شان سجاڻي، ٿج حمايت هاڻي، اُميد پڄاءِ هيءَ آسا،
يا ننگي ننگدار حسيني!

-3 سوالي سائل سڏايون، نوڪر چاڪر آهيون، خادم اوهان جا خلاصا،
يا سچا حـُبدار حسيني!

-4 هي "منٺار" نماڻو، پنجتن جي پاسي وڪاڻو، تنهن ڏي دلگير کي دلاسا،
يا سپهہ سالار حسيني!

محلود

ٿلهہ: ڪر هردم ياد حـُسين، جنهن ڪامل ڪٿيو ڪوئنين،
اي ميان! فرزند بيبي فاطمه، ڪر هر دم ياد حسين.

-1 سورهيہ جي بہ سچائيءَ جو، مالڪ لڏڙو مـَـئين،
جي سيد صبر ڪيو هن سور ۾، تہ ٿيندو شافي محمد ثقلين.

-2 قاسم شاهہ قربان ٿيو، هو نور حـَسـَـن جو نـَـين
علي اڪبر شهيد ٿيو، بـَـنيس نبيءَ صورت بـَـين.

-3 هڪ هزار نـَـو سوءُ زخم ٿيا، تہ بہ نـَـيو نماز لاءِ حـُـسين،
جنهن شمر شهيد ڪيو، سو لعنت جو لائق لعين.

-4 جيئڻ هن جهان ۾، ٿيو دلبر ڏاران ڏين،
”منٺار“ مرج هن محبت ۾، تہ اُجڙي ٿيئين پوءِ عين.

ٿلهہ: ناحق ظلم يزيد ڪيا، آءُ ماريس تنهن ماتام،
هئي هئي شير شهادت رسيا، وو عليءَ اولاد اِمام.

-1 نبيءَ نپايو جنهن کي، مير محمد ڄام،
ڪئي اُن سين عداوت اُمتين، جي هُئڙا تخم حرام.

-2 ڪوفين ڪاغذ ڪيترا، ڪيا پرين ڏي پيغام،
تہ تون اِچ اسان جو امير ٿي، اسين سڀ تنهنجا غلام.

-3 ڪوُڙيءَ دل ڪوفين پڙهيا، ڪلمان قرآن ڪلام،
ڪنئون ڏوهٽو رسول جو، جنهن تي صلوات ءِ سلام.

-4 موليٰ سائين ”منٺار“ جي، هادي! پڇائج هامَ،
تہ ماڻ قبر منهنجي ٿئي، منجهہ ڪربلا جي مقام.

ملاري:

ٿلهہ: اعليٰ عزت ۾ ڪُل ڪان قرار، پنجتن پاڪ خدا جا پيارا.

-1 نبي يا علي ڄام، بيبي سڳوري،
حَسن يا حسين ڄام، اهي سيد سونهارا.

-2 پنجئي نور پنهنجي منجهان، پاڻ خلقيئي،
محبوب مٺيادار، مُڪمل موچارا.

-3 ساري جوڙ پئدا ٿي، نور سندن مان،
عرش زمينون، توڙي آسمان سارا.

-4 ٿيندا روز محشر ۾، شافي سڳورا،
اَجهو لاءِ اُمت، آهن ڇوٽڪارا.

-5 متي ماڙ ”منٺار“ ڪندا، روز هر وار،
ٻانهو تو سڏايان، آهن ننگ وارا.

Gul Hayat Institute

سارنگ:

تلهہ: ڏهاڙي قيامت جي، پرور سو ڏگار،
خيرالنسا جو ڪندو، انصاف آچار.

-1 ٽيندو پاڻ قاضي، سو ڪريم ڪلتار،
اُتي ايندو مير محمد، اُمت جو آڌار.

-2 اُتي سڏبي جماعت، پنجتن وارو پار،
اُتي ايندو اِمام، جو هوندو جيڪو حبدار.

-3 ٻڍي موڙ قاسم، ايندو گهوٽ گلذار،
ايندو اڪبر ۽ اصغر، جو صغيرن جو سچيار.

-4 اُتي حملي حُسينيءَ جو، سپہ جو سالار،
سو حضرت عباس، ايندو عَلمدار.

-5 اُتي حملي حسينيءَ ڪي، ڏيندو پاڻ ڏاتار،
گهڻا آب عزتون، بخشيندو بي شمار.

-6 ڪندو ائين قادر، تحقيق تڪرار،
۽ آهي اسان ڪي، تيو يقين اعتبار.

-7 هوندو حسين تي، ڇَٽ تاج دستار،
اُتي سڏجي سندن، ماڻ تي غلام "منٺار".

Gul Hayat Institute

مداح

غم نامو اِمام حسين جي درد جو

مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(1)

مومنا سمجهو سڄو مذڪور هن ماتام جو
فرزند بيبي فاطمہ ڏوهٽو محمد ڄام جو
سو قضا سين قافلو آيو جڏهن اِمام جو
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(2)

مجي رضا رب پاڪ جي تنهن سور سورهہ هو سَٺو
ڪربلا مئيدان ۾ اچي موت جو مينهڙو وٺو
هن ڏينهن حضرت حسين ڪوفين ڪوٺي ڪٺو
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

Gul Hayat Institute

(3)

هن ڏينهن حسنين لاءِ عرش ۾ اوڇنگار هئي
خود خدا جي تخت تي اُتي ڪرش ۾ اوڇنگار هئي
هاءِ حسين سڀ زمين جي فرش ۾ اوڇنگار هئي
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(4)

هن ڏينهن حسنين لاءِ زار ملڪن هو رُنو
هن ڏينهن حسنين لاءِ منجهه بهشت نبين هو رُنو
هن ڏينهن حسنين لاءِ چوڏهن طبقن هو رُنو
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(5)

هن ڏينهن حسنين لاءِ وڏراهه ساري تي روئي
هن ڏينهن حسنين لاءِ ڌرتي ويچاري تي روئي
هن ڏينهن ساري جياجوڻ ٿيو بي قراري تي روئي
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(6)

هن ڏينهن حسنين لاءِ ڪعبه بيت الله رُنو
هن ڏينهن حسنين لاءِ محمد رسول الله رُنو
هن ڏينهن حسنين لاءِ ميدان ڪربلا رُنو
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

Gul Hayat Institute

(7)

هن ڏينهن حسنين لاءِ پکي پکڻ ٿو روئي
۽ ملڪ مشرق ۽ مغرب ڪريو غم جو لَکڻ ٿو روئي
هن ڏينهن حسنين لاءِ ڏسِ اُتر ڏکڻ ٿو روئي
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(8)

هن ڏينهن حسنين لاءِ پريون ۽ حوروں روئن
هن ڏينهن حسنين لاءِ سڀ ملڪ معمورون روئن
هن ڏينهن حسنين لاءِ فرقان جون سوروں روئن
مسلمينو ڇو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(9)

هن ڏينهن هو سرمون ڀائيندو معاويہ جو پٽ يزيد
هن ڏينهن هو ڪير پيئندو اُهو خارجي منڪر خبيث
هن ڏينهن جي عيش ڪينداسي انهي جا آهن عزيز
مسلمينو ڇو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(10)

غم ڪري حسنين جو آسمان ۾ آفتاب
غم ڪرين حسنين جو سڀ نڪٽ تارا ماهتاب
غم سبب حسنين جي ٿيندو معافي محشر جو عذاب
مسلمينو ڇو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(11)

Gul Hayat Institute

غم ڪري حسنين جو آسمان ڪارو ٿيو
غم ڪري حسنين جو سارو سمونڊ ڪارو ٿيو
غم ڪري حسنين جو سج شمس توۋ وارو ٿيو

(12)

غم ڪري حسنين جو مير محمد مصطفيٰ
غم ڪري حسنين جو فاطمه خيرالنساءَ

غم ڪري حسنين جو يا عليءُ المرتضيٰ
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(13)

غم ڪري حسنين جو مَلَڪَ مهتر جبرائيل
غم ڪري حسنين جو مَلَڪُ حضرت ميڪائيل
غم ڪرين حسنين جو اِسرافيل ۽ عزرائيل
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(14)

غم ڪرين حسنين جو انبياءُ جملي رسول
غم ڪرين حسنين جو مولٰي سندا مقبول
غم ڪري حسنين جو فاطمه بيبي بتول
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(15)

غم ڪرين حسنين جو اولياءَ ۽ ٻيا ولي
غم ڪرين حسنين جو اهل بهشتن جا ڪلي
غم ڪري حسنين جو يا مرتضيٰ مولا علي
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(16)

غم ڪرين حسنين جو قطب مڪمل ۽ ڪبير
غم ڪرين حسنين جو شاهه مرشد ولي پير
غم ڪرين حسنين جو جيڪي ڏاج پنج تن جا فقير

Gul Hayat Institute

مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(17)

غم ڪري حسنين جو يا خدا پروردگار
غم ڪري حسنين جو سڀ عالمئي ارڙهن هزار
جنهن ڪي غم ناهي اُهو خارجي منڪر خوار
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(18)

جنهن ڪي غم ناهي قلب تي عليءَ جي اولاد جو
سو جماعتي ٿيو يزيدي لشڪر شمر ۽ شداد جو
سو پليت پيدائش هوندو ڪفر جي بنياد جو
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(19)

جنهن ڪي غم حسنين جي جو داغ دل تي ناهي دليل
تہ ڪين مرهيندو اُنهي ڪي پاڪ پرور رب جليل
فاطمہ فرزند لاءِ روئندو ڪين سو ڪافر ڪٽيل
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(20)

جڏهن سج الهندا اُبري ايندو ٿيندو محشر جو مڪان
تاوڙي تاپش ڪندو سج پاند نيزي جي نشان
اُتي غم سبب حسنين جي هيءَ ڇٽندو عالم جڳ جهان

Gul Hayat Institute

مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(21)

ماڳ محشر جي مِلڪَ ۾ هوندي بيبي فاطمہ
اُتي غم ڪريو حسنين جو روئندي بيبي فاطمہ
ڇي ڪن رُنو منهنجي پُٽن ڪي ائين چوندي بيبي فاطمہ
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(22)

ياد ڪيو حسنين ڪي آءٌ تو رُئان هت زارو زار
مان ڪاريندم الله ڪربلا جو بُهاريدار
پاڙي پرين حسين جي شل ٿئي مقامي "منٺار"
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

(23)

آس اهڙي تو رکان پنهنجي رب سچي رحمان ۾
مراد هئي منٺار جي اُن جي فضل احسان ۾
تہ مان منهنجي ٿئي قبر وڃي ڪربلا مئيدان ۾
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

Gul Hayat Institute

(24)

آس اهڙي تو رکان ويسہ قلب جي يقين تي
شل دل سچي منهنجي ٿئي دائم نبيءَ جي دين تي
پوءِ آءٌ مران ڪلمون چئي محمد رسول امين تي
مسلمينو ڇو رهو اي ماهہ محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول هو حسين جو ماتمي

مداح شريف

منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(1)

ڏينهن پهرين ياد ڪر پيارو پِسر رسول جو
ڪوفين ڪيئن ٿي ڪئو مسند وارو مقبول جو
فرزند بيبي فاطمه بنت نبيءَ بتول جو
برسر مجيئين رب جي رضا عذر نه ڪيئين عدول جو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(2)

ڏينهن ٻي ٻاهر اندر رک حب حُسين امير جي
آل هو اصلوئن اهو حضرت محمد مير جي
هو علي جو لاڏلو پيڙهي مرتضيٰ پير جي
تنهن رضا رب جي مجي جا گهري هئي تقدير جي
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Institute

(3)

تي ڏيهاڙي تول پيا واجب اٿئي دل تان وسار
ساعت اُن سردار جي ساريو سنياريو تون سنيار

آب اُن افسوس ۾ هئي هنجون نت روز هار
پوءِ مان اوءَ مجلس ڏسين داخل ٿئين تون دربار
منٺار تون كيئن ٿو وسارين غم كجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(4)

ڏينهن چوٿين كيئن چريا ان مونجهه ۾ مستان ٿيا
لک سوين منصور جيئن كئين شمس جيئن ديوان ٿيا
عاشق سٺي ڳالهيون اهي عطار جيئن عُريان ٿيا
كي مري ماڳهين پيا پڙ تي پتنگ پروان ٿيا
منٺار تون كيئن ٿو وسارين غم كجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(5)

ڏينهن پنجين پيو پور جن كي سيدالہ سالار جو
سي ترک طالب كري ويا سک سهنج سنسار جو
ويا كنبي ڏسندي لقب قادر ڏٺي قهار جو
ان ورونهه ۾ ويهي رهيا وقت نہ ملين ٻي وار جو
منٺار تون كيئن ٿو وسارين غم كجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(6)

ڏينهن ڇهين ڇو ٿو رهين ٻي غمي ٻي دين تون
سک بنان سيد سندي ٻي كج كمائي كين تون
حب ركي حسنين ڏي جي ويون مري مسكين تون
تان وڏا ظالع ٿيئي كٺي شكر چوءُ آمين تون
منٺار تون كيئن ٿو وسارين غم كجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Instutute

جنهن شمر خارج سر وڍيو اُن جي خيانت ياد ڪر
۽ سَر پڙهيو قرآن ڪلمون سا هدايت ياد ڪر
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(11)

رهين ڏينهن قطرس مَلڪ سردار ستر هزار جو
سو ميڙي مَلڪ پنهنجا مطيع حڪم وني ڏاتار جو
پوءِ آيو قطرس ڪربلا ۾ ٿيو ماتمي مهندار جو
سي اجان رئندا رهن سانگو ڇڏيو سنسار جو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(12)

ٻارهين ڏينهن ٻرٻرادا هاڻ پَءِ مري هن ماڳ ۾
جان جيئن تان تون گذارج رئڻ واري راڳ ۾
حب رکي حسنين ڏي ٿيءَ درد واري داڳ ۾
جي انهي محبت ۾ مرين تان سوڙ ٿئين سياڳ ۾
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Institute

(13)

تيرهين ڏينهن توبهہ ڪجان قادر ڏٽي قهار کان
زڪريا ڪي جنهن وجهايو ڪرتَ سر ڪاپار کان
سو صبر نبين ڪيو پنهنجي لقب سردار کان
پر واهہ واهہ صبر سيد ڪيو جو امداد ٿيو ڏاتار کان
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(14)

ڏينهن چوڏهين چاڪ دل جا چٽڪيو ان جا چڪن
جي سدا سيد سچي لاءِ سمجهيو سالڪ سڪن
عاشق اُهي افسوس ۾ آهي سور جاڳيو صادقن
آب اکين مان وهي اهي لڙون وار مور نہ لڪن
منٿار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشہ رين جو

(15)

ڏينهن پندرهين هو جنهن تي پيار پيغمبر جو
وحي خدمت دار جنهن جو هو ملڪ پرور جو
لقب جنهن لاءِ هو لٿو ٿيو حڪم چادر جو
سو شمر شهيد ڪيو ڪيئن هٿ وهيو ڪافر جو
منٿار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشہ رين جو

(16)

ڏينهن سورهين سو سيد نسب نسورو نور هو
نانو نبيءَ جنهن جو محمد مصطفيٰ مشهور هو
والد علي شير خدا سو مرتضيٰ منظور هو
سو جڏهن سوريءَ چڙهيو تان پوءِ سچن کي سور هو
منٿار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشہ رين جو

(17)

ڏينهن سترهين سي هئا اُمتي رسول الله جا
جن ڪوڙي دل ڪلمون چيو هئا حافظ ڪلام الله جا

Gul Hayat Institute

سي وڙهيا سيد سچي سان لشڪر عبيدالله جا
وجي لعنتي لائق ٿيا سي بي حيا سڀ باهہ جا
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(18)

ڏينهن ارڙهين اُن متي شافي شفاعت ڪيئن ڪندو
ٿيس سي اڪهسي اولاد جا هنن سين حمايت ڪيئن ڪندو
ان بي رحمن بچڙن متي احمد عنايت ڪيئن ڪندو
پوءِ پلا ڪلمون اُني تي هت هدايت ڪيئن ڪندو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(19)

ڏينهن اوڻيهين ادا سو ڪجان اجان ارمان تون
گُهر خدا ڪان تان مليئي اسلام جو ايمان تون
حسنين ڏي حب رک سچي ڪر ساهہ ڪي قربان تون
جي نيت نبهيئي سچي تان صحيءَ مسلمان تون
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(20)

ڏينهن ويهين ڪر وري وجود ۾ ويچار ميان
پنهنجو قاضي ڪر قلب ۾ عدل ۽ آچار ميان
اسلام جن تي آئيو آگي وتان اِظهار ميان
سو رسول جي راضي ڪرين تہ حسين جو ٿي پار ميان
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Institute

سي وڙهيا سيد سچي سان لشڪر عبيدالله جا
وڃي لعنتي لائق ٿيا سي بي حيا سڀ باهه جا
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(18)

ڏينهن ارڙهين اُن متي شافي شفاعت ڪيئن ڪندو
ٿيس سي اڪهسي اولاد جا هنن سين حمايت ڪيئن ڪندو
ان بي رحمن بچڙن متي احمد عنايت ڪيئن ڪندو
پوءِ پلا ڪلمون اُني تي هٿ هدايت ڪيئن ڪندو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(19)

ڏينهن اوڻيهين ادا سو ڪجان اجان ارمان تون
گـُهر خدا ڪان تان مليئي اسلام جو ايمان تون
حسنين ڏي حب رک سچي ڪر ساهه ڪي قربان تون
جي نيت نبهيئي سچي تان صحيءَ مسلمان تون
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Institute

(20)

ڏينهن ويهين ڪر وري وجود ۾ ويچار ميان
پنهنجو قاضي ڪر قلب ۾ عدل ۽ آچار ميان
اسلام جن تي آئيو آگي وٺان اِظهار ميان
سو رسول جي راضي ڪرين تہ حسين جو ٿي پار ميان
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(21)

ڏينهن ايڪيهين امامن جو ڪجان تون يادگير
تہ ڪيئن ڪُٺو حضرت حسين يا علي جو پٽ شبير
۽ ڪيئن ڪٺو اڪبر علي ۽ ڪيئن ڪٺو اصغر صغير
۽ ڪيئن ڪٺو قاسم امام سيج تي سيد امير
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(22)

ڏينهن ٻاويهين ٻئي حضرت حسن ۽ ٻيو حسين
خاوند جِني لاءِ خلقيو سڀ ڪارخانو ڪوئين
هو نبيءَ عاشق متن سردار سيد ثقلين
ڪيئن ٿيا قاتل سندن مروان ۽ شمر لعين
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(23)

ٽيو ڏينهن ٽيويهين ٽڪر جيرو حسن اِمام جو
زهر سين تي پيو ذرا هڪ سؤ ستر تنهن ڄام جو
قئي منجهان قطرا تي نڪتو ويو وقت آرام جو
سبب تنهن جي شهيد ٿيو هو زلزلو ماتام جو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سڀ ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(24)

ڏينهن چوويهين چَپن ڪوڙن سان پڑهندا قرآن هوا
سي ڪوفي شامي دمشقي اهي نبريل نادان هوا

Gul Hayat Institute

ڪوڙيءَ دل سان ڪلمون چيئون محمد مٿي بي ايمان هوا
لباس مسلماني مٿن پر قلب ۾ ڪفران هوا
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(25)

ڏينهن پنجويهين پيغمبر ٿي جنهن ڪي پاليو
ملڪ جبرائيل جنهن ڪي سهج مان سنڀاليو
ڪوس ٿيو ڪيڏو مٿس هو آب ريءَ اُجاليو
صبر تنهن صابر ڪري ڪٺي ان جفا ۾ جاليو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(26)

ڏينهن ڇَويهين ڇٽندي اُمت سندس انصاف ۾
هڪ ڏينهن قضا، قادر ڪندو ائين مالڪ لکيو مصحف ۾
تہ جي خاتون بخشي خون تان عالم ڇُٽن اوصاف ۾
پوءِ ڪير مٽ تن سان ٿيو پنهنجي دل ڪريو درياف ۾
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

Gul Hayat Institute

(27)

ڏينهن ستاويهين صبر آگي سندن آزمائيو
سور سختيون ڏاج ڏک صاحب مٿن سنباهيو
تہ بہ درد جي درياهہ ۾ تن پير پتنگن پائيو
پوءِ منجهہ قيامت ڪل رڪندو رب اني جو رائيو
منٺار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينهن سي ڏک ۾ گذارج رو هميشه رين جو

(28)

ڏينھن اناويھين لقب عاشق انھن جو تا چون
جي محبتيءَ مچ ۾ امالڪ پتنگ وانگر تا پون
توڙي متن روز سروزو آب ريءَ راتين نون
تہ بہ مرد مڙيا ڪين ڪي سورھ اڳيان لڪن سون
مننار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينھن سي ڏک ۾ گذارج رو ھميشہ رين جو

(29)

اوڻٽيھين ڏينھن امامن جي طلب تون تات ڪر
ڏينھن سي ڏک ۾ گذاري رئڻ گريو رات ڪر
حُب رکي حسنين ڏي اھي پچارون پريات ڪر
ھاڻ پوءِ مري مننار تون ان ورونھن منجھ وفات ڪر
مننار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينھن سي ڏک ۾ گذارج رو ھميشہ رين جو

(30)

ڏينھن ٽيھين ٿول اتئي رک حُب حسين امير تي
ٻي آھي سوغات تولاءِ سک سيد جي رکڻ سرير تي
ٽين آھي سوغات تولاءِ ويساھ ڪرڻ فقير تي
چوٿون چوءِ ڪلمون قلب سين حضرت محمد مير تي
مننار تون ڪيئن ٿو وسارين غم ڪجان حسنين جو
ڏينھن سي ڏک ۾ گذارج رو ھميشہ رين جو

Gul Hayat Institute

مداح

سي حرفي

هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

1

الف هيءَ افسوس مون کي آئون هتي ڇو ٿو جئان
هو مناسب هي مون کي صدقو شهيدن تان ٿيان
حُب رکي حسنين ڏيءِ پساھ پيرن منجھ ڏيان
هوند ڪربلا مئيدان ۾ پيالا شهادت جا پيان
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

2

بي انهيءَ آئون باھ ساڙيس هاءِ وس منهنجو ويو
سر صدق سيد مٿان قربان مون ڪيئن نا ڪيو
ريءَ ملڻ محبوب جي منهنجو نہ مقصد ڪو ٻيو
ان درد ۾ دانهون ڪريان خاطر پرين جي پيو
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

3

تي تات سندين مون کي آهي من اندر محبت مدام
بنان حب حسنين جي آهي ٻي عبادت سڀ حرام

ايئن لکيو فرقان ۾ آهي سو سچو رب جو ڪلام
حضرت حديثون ايئن چيون آهن جنهن تي صلواتون سلام
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

4

ٿي انهي سڪ ۾ سڙي ۽ ڏيل منهنجو پيو ڏري
هئي ڏکن ڏهرو ڪيس ۽ ماھ منهنجو ويو ڳري
من وجي "منٺار" چئي ملان مالڪ کي مري
پوءِ مان ميڙائو ڪري واحد وڇوڙيل جو وري
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

5

جيم جيئڻ منهنجو هتي افراط آهي سڀ جنجال
هِت هنجهون هاريان پيو ڏس هاءِ هيڏو منهنجو حال
منهنجو مقصد آهي مرڻ ۾ من مري ٿيندم وصال
آئون اِمامن جو ٿيان منهنجو روز راتو ڏينهن سوال
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

6

حي اِمام حسين جي آئون تو سڙان هن سو ۾
مون کي روز غمناڪي گهٽي ماتم سندي مذڪور ۾
هئي لکي تقدير ائين اِن درد جي دستور ۾
نيٺ منهنجو آهي مرڻ ان ورونھ جي وهلور ۾
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

7

خـي اجـان ڪامـان پڇـان پيـو روز پنهنجـي روح ۾
آئـون هنجهـون پيـو هاريـان واءِ واءِ انهـيءَ ورونهـ ۾
پـور مـون ڪي ٿـا پـون لهريـون اڇـن سـَـو لـُوهـ ۾
آئـون امـامـن جـو ٿيـان منهنجـو سـوال سـنجهـ صبـوح ۾
هـاءِ مـاتـم ڪيـن وسـري ڪربـلا واري قيـام
ڇو نہ آئـون صدقـي ٿيـس سر سـاهـ گهـوري تئـون اِمـام

8

دال اُن دک درد مـاريس هـاءِ يـارو ڪيئـن ڪريـان
اُن جـوش ۾ جيـرا ڦـيڙ اُن بـاهـ ۾ ٻڪيـان ٻريـان
سـور سختيـون يـاد ڪريـو پـوءِ آب سيـن اکيـون ڀريـان
آءُ امـامـن وٽ وڃـي شـل سـر سـنـدم سـنت ڏريـان
هـاءِ مـاتـم ڪيـن وسـري ڪربـلا واري قيـام
ڇو نہ آئـون صدقـي ٿيـس سر سـاهـ گهـوري تئـون اِمـام

9

ذال ظـاهـر يـا خـدا منهنجـي دانهـن سـُڻ فريـاد جـي
صاحب سچا تـون ڪر شرع سائيـن عليءَ جـي اولاد جـي
ڏي مـدد مـولا ڏٽـي پنهنجـي فضـل ۽ اِمـداد جـي
پـاڙ پـَٽ جيڪـي ڦريـا اُن جـي اهـل ٻنيـاد جـي
هـاءِ مـاتـم ڪيـن وسـري ڪربـلا واري قيـام
ڇو نہ آئـون صدقـي ٿيـس سر سـاهـ گهـوري تئـون اِمـام

10

ري رڙيـون رب پـاڪ صـاحب مـن سـُـڻـي وهلـو وري
هـٿ پنهنجـو هيٺـن يتيمـن تـي ڏٽـي داور ڏري

Gul Hayat Institute

داد منهنجي دانهه جو من ڪرم سين قادر ڪري
جي وڙهيا سيد سچي سان شل سي وڃن دوزخ تري
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نه آئون صدقي ٿيس سر ساهه گهوري تئون اِمام

11

زي زخم ڪوفين ڪيا هاءِ هاءِ امام حسين ڪي
ٿيا سمهان سوئر اچي اُن بادشاهه ڪوئنين ڪي
منهن ڪارو مردود جو جنهن ڏک هنيا دارين ڪي
سؤ ٻيرا شيري شِمر لانت هجي اُن لعين ڪي
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نه آئون صدقي ٿيس سر ساهه گهوري تئون اِمام

12

سين صدقي سِر ڪريان حضرت حسين امير تان
آئون صدقي قربان ٿيان وارث وسيلي وير تان
مروري گهوريان متو تنهن مديني جي مير تان
پوءِ من لهن گوندر گهٽا مون درد جا دلگير تان
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نه آئون صدقي ٿيس سر ساهه گهوري تئون اِمام

13

Gul Hayat Institute

شين ڪربلا شهيدن جو آهيان گولو غلام
مون مجيو اسلام اُن جو من اندر محبت مدام
آهي منهنجو وارث وسيلو هر دو عالم ۾ اِمام
مون کي شال نصيب ٿئي ڪربلا سندن مقام
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نه آئون صدقي ٿيس سر ساهه گهوري تئون اِمام

14

صُئاد صبر سيد ڪيو ۽ مڃي رضا رب پاڪ جي
نت ناهي طاقت جو جهلي دهشت ڏٺي لولاڪ جي
ويئي عمر روئندي لنگهي ان غم ۾ مون غمناڪ جي
هاڻي من سندم ميلو ٿئي ۽ هي لهي ٽيپ فراق جي
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

15

ضُئاد دل منهنجي سندو دارون سندن ديدار هاءِ
جيءُ اندر ۾ جرجلو منهنجو بدن بيقرار هاءِ
رات ڏينهن گريو گهڻو ۽ روئڻ زارو زار هاءِ
ريءَ ۾ ملڻ محبوب جي ماندو گهڻو "منٺار" هاءِ
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

16

طُيءِ ذرو تل ڪين ترسيا مڃي هليا رب جي رضا
جيئن لکي لوح قلم سين آئي قادر جي قضا
شائق شهادت جا ٿيا اولاد مانجهيءَ مرتضيٰ
ڪافر ڏينهن قيام جي يزيد لوڙيندو جزا
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
ڇو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

17

ظُئي زهر حضرت حسن کي اصل مردودن مُڪو
مڃي رضا رب پاڪ جي تنهن چاھ مان پيتو چُڪو
يزيد جهنم ۾ وڃي دوزخ اندر ٿيندو ڦڪو

پوءِ سو پيدا ڪين ٿيندو باهہ ڪيو جنهن کي پُڪُو
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

18

عين يا حضرت علي سُڻ درد واري دانهن تون
تي مدد هيڻن يتيمن جو وسيلو واه تون
سور سختي جي وقت ۾ وٺ ٻُڏِن جي ٻانهن تون
ڪڍ خنجر دُل دُل چڙهي ۽ ڪر ڪفر تي ڪاهہ تون
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

19

غين غم آهي مون کي حضرت علي اڪبر جو هاءِ
ٿيو هلڻ هئہ هئہ ادا اُج ۾ علي اصغر جو هاءِ
شادي‌ءَ جي ڏينهن ٿيو سر جدا قاسم شاهہ انور جو هاءِ
ويو قيد ۾ قرآن پڙهندو سر حسين سرور جو هاءِ
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

20

فَي فڪر آهي مون کي جو ڪربلا ۾ ڪيس ٿيو
واٽ ويندن تي اچي ڪافر ڪميڻي قصد ڪيو
پاڻي پليتن بند ڪيو ۽ حياءَ هچارن جو ويو
هو حڪم حق جو اصل نہ تہ ڪير صابر ٿئي ٻيو
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

21

قاف ڪربلا جي پٽ ۾ ويري آئيا ڪئين وير تي
هئي دغا دشمن جي دل ۾ لشڪر مڪا جنهن مير تي
هو رسول الله جو دستار حسين امير تي
سو اُتي راضي رهيو الله جي تقدير تي
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

22

ڪاف ڪارو اُن وقت افسوس ۾ ٿيو آسمان
زلزلو ساري زمين ۾ جنهن مٿي جملو جهان
حورون پريون هيءَ هيءَ چوَن افسوس ۾ چريون انان
مون ڪي ان ماتام جو آهي قلب دل جيري ۾ ڪان
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

23

لام هو لشڪر گهڻو جملي يزيدن جي جمات
هئا ڪي منجهن قرآن پڙهيل جن نا ڇڏي هڪڙي رڪات
سي ڦري دشمن ٿيا مردود سي حملو حمات
هئا وڙهيا سيدسچي سان جنهن مٿي پڙهجي صلات
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گهوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

24

ميم هو موڳن مٿيو دنيا جي خاطر دين ڪي
شامين شهيد ڪيو محمد جي تخت نشين ڪي
قيد ۾ ڪوفي ڳنهي ويا عابد مسڪين ڪي

رنج ڪيو ڪوفين ڪتن رب جي رسول امين ڪي
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

25

نون نوراني جُبو رسول جو رت ۾ ٻريو
ڪيئون سر جدا هو جنهن مٿي دستار محمد جو ڌريو
ڦرئلن کي ڦاهي وانگر اچي طوق لعنت جو ڍريو
ها وئي جهنم جي اندر وجهندن ملڪ ور ڏيو وريو
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

26

واءُ واءِ ويلا ادا هي مهينو ماتم جو هاءِ
حب رکي حسنين ڏي گريو ڪريو اُن غم جو هاءِ
ڪيئون قتل اڪبر ۽ اصغر ۽ سر وڍيائون قاسم جو هاءِ
جنهن کي غم ناهي اُهو اولاد ناهي آدم جو هاءِ
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

27

Gul Hayat Institute

هي ڪريو هئي ادا جو ڪربلا ۾ ٿيو قهر
ماھ محرم جي ڏهين ۾ هو هنڌين ماڳين حشر
حورون پريون هئي هئي چون اکين منجهان هارين جر
عرش ڪرسي ٿرٿليا اُن سوز ۾ شمسو قمر
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساھ گھوري تئون اِمام

28

الف امر مجي ويا هئي جيئن گهريہ جلشان جي
اها پرک پرور تي لڌي ان جي صبر ايمان جي
وري بي حيائي رب ڏني يزيد ۽ مروان جي
سي ٿيا دشمن دوزخي جي فوج هئا ڪفران جي
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

29

لا لقب اعليٰ امامن کي شهادت جو مليو
پيو اجر حسنين کي هر دم هدايت جو مليو
ٿيا والي ڪوئين جا منديٰ سڀ نيامت جو مليو
محشر جي ڏينهن امام کي حڪم شفاعت جو مليو
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

30

ي اُنبجي يادگيريءَ ۾ مري ڇڏيان جهان
پوءِ مان پئي منٺار جو ظاهر نبي هت هُت ضمان
شل منهنجي ڪربلا ۾ ٿئي قبر پرين پيراندي مڪان
قلب مان ڪلمون چئي مرڪي ٿيان شل مسلمان
هاءِ ماتم ڪين وسري ڪربلا واري قيام
چو نہ آئون صدقي ٿيس سر ساهہ گهوري تئون اِمام

Gul Hayat Institute

مداح

سوال نامو

ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

1

سوال منهنجو تون سڄ اي يا خدا پروردگار
۽ سوال منهنجو تون سڄ اي يا محمد مختيار
۽ سوال منهنجو تون سڄ اي يا علي دل دل سوار
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

2

مون کي مير حسين جي مولٰي متابعت کر نصيب
کربلا ۾ جو کُٺو اُن جي شهادت کر نصيب
تہ ملان مير حسين کي اهڙي نعامت کر نصيب
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

Gul Hayat Institute

3

سر سندم صدقي کريان تنهن حسن مير حسين تان
سر سندم صدقي کريان اُن بادشاهہ ڪوئين تان
سر سندم صدقي کريان دارالبقادارئين تان
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

4

سر سندم صدقي ڪريان حضرت علي اڪبر مٿان
سر سندم صدقي ڪريان حضرت علي اصغر مٿان
سر سندم صدقي ڪريان قاسم شاھ انور مٿان
ماھ محرم جي ڏھينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راھي ٿيان

5

سر سندم صدقي ڪريان تنهن فاطمه فرزند تان
سر سندم صدقي ڪريان تنهن نبيءَ جي دلبند تان
سر سندم صدقي ڪريان تنهن بادشاھ مسند تان
ماھ محرم جي ڏھينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راھي ٿيان

6

سر سندم صدقي ڪريان سيد سچي سعدات تان
سر سندم صدقي ڪريان تنهن عليءَ جي اولاد تان
سر سندم صدقي ڪريان تنهن فاطمه بنياد تان
ماھ محرم جي ڏھينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راھي ٿيان

Gul Hayat Institute

7

سر سندم صدقي ڪريان عليءَ جي پٽن ۽ پوٽن مٿان
سر سندم صدقي ڪريان تن نبيءَ جي ڏوهٽن مٿان
سر سندم صدقي ڪريان حسين جي قدمن مٿان
ماھ محرم جي ڏھينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راھي ٿيان

8

مير محمد تي چميو تنهن جي حُسن جمال کي
ڪافرن ڪيئن تي ڪُنو لاڏلي تنهن لعل کي
آءُ اجان جيئرو آهيان آهي حيف منهنجي حال کي
ماهه محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

9

سوال منهنجو تون سُڻج اي جڳ جا مالڪ جلشان
سوال منهنجو تون سُڻج يا نبيءَ عالم زمان
سوال منهنجو تون سُڻج يا شيري خدا شاهي سجان
ماهه محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

10

سوال منهنجو تون سُڻج يا الله آزي تو ڪريان
مقصد منهنجو هي آهي نميو نيازي تو ڪريان
سا سدا سنديم سڄج آءُ جا پينار پازي تو ڪريان
ماهه محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

Gul Hayat Institute

11

آئون جنهن جو طالبو سو رب ڏيکاريندم حسين
ماڳ محشر ۾ مون کي ديدار ڪاريندم حسين
حوض ڪوثر جا پيالا اُت پياريندم حسين
ماهه محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

12

دو جڳ ۾ مون مسڪين سين همراهہ ٿيندا پنجتن
هن غم ۾ مون غمگين سين همراهہ ٿيندا پنجتن
پنهنجو ڪري تلقين سين همراهہ ٿيندا پنجتن
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

13

منهنجو اِرادو اهو سو پڄائيندم رسول
سوال منهنجو هي آهي عرض اگهائيندم رسول
نالو شهيدن جي جماعت ۾ لکائيندم رسول
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

14

منهنجو اِرادو اِهو تہ حسنين جو ٿيان غلام
سوال منهنجو هي آهي سائين روز راتو ڏينهن مدام
تہ مرڻ کان پڄاڻا ڪربلا "منٺار" جو ٿيئي مقام
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

Gul Hayat Institute

15

منهنجو اِرادو اهو سو پڄائج تون الله
شل نيت نبهي سنديم مون تي ڪندا نرمل نگاهہ
آئون مران ڪلمون چئي مٿي مير محمد شهنشاهہ
ماهہ محرم جي ڏهينءَ تاريخ ۾ شل دم ڏيان
حب رکي حسنين ڏي روئندي هتان راهي ٿيان

مداح

بيان قيامت جو

ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

1

هي قصو سڄو قيامت جو حديث حبيبي
ڪئي ولين روايت جي حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

2

جڏهن خدا پاڪ پرور لاءِ انصاف ايندو
اچي ڪندو اي عدالت ٿيو حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

Gul Hayat Institute

3

اُتي رب رسول ڪريم ڪي ائين چوندو پاڪ پرّور
تہ آڻيو بيبي بتولت جي حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

4

پوءِ نبي پنهنجي نياڻيءَ کي اچي عرض چوندو
تہ بابا هل تہ ٿيئي هدايت تون حسينڻ جي حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

5

اُتي ايندي پاڪ دامن روبرو رب جي
هوندو اُهو وقت وصاليت ٻئي حسينڻ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

6

اُتي رکي رنج سامون خود الله جي اڳيان
ڪندي فرياد فاطمہ جا حسينڻ جي حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

7

اُتي آرياڻي ڪي عرض الله ائين چوندو
تہ مون کي بخش خون خاتونت تون حسينڻ جي حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

8

پوءِ ڪندي بخش خون بيبي دل جي حضورئون
ڪري منظور معرفت جا حسينڻ جي حبدار

Gul Hayat Institute

ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

9

هونديون ڪٿيون لويون اُن جون بيبي جي بدن تي
هئي ڪندي سوءَ جي عادت حسينؑ جي حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

10

ٽيندو حڪم جبرائيل ڪي تہ آڻ جورا جنت مان
من ڪري نئون لباس نئامت جا حسينؑ جي حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

11

چوندي لاهيو سوءَ صاحب رب اول انهن جي
جي تا مومن ڪن متابعت ٽيو حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

Gul Hayat Institute

12

جي ڏهئي ڏينهن محرم جا غم ۾ گذارين
اها رسول جي بہ زيارت ڪن حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

13

جي كارا كن كپڙا روئن مومن مدامي
پلي پهرين كن سي پوشاكت حسينڻ جا حبدار
ڏسندا كان قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

14

آءُ ان كان پوءِ پهريندس اِهي جورا جنت جا
مون كي دل ۾ آهي دريافت آهيون حسينڻ جا حبدار
ڏسندا كان قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

15

كندو انهي طرح الله موجب چوڻ جي
كندو اول اُن تي عنايت جي حسينڻ جا حبدار
ڏسندا كان قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

16

جي ساڻس گڏ شهيد ٿيا هوندو شاهي شان انهن جو
ملندين بهشت جي بشارت جي حسينڻ جا حبدار
ڏسندا كان قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

Gul Hayat Institute

17

اول ملنديون اُن كي جايون جنت ۾
هئي جيكا سنديس جماعت حسينڻ جا حبدار
ڏسندا كان قيامت حسينڻ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينڻ جا حُبدار

18

اڄ ٻـ عاشـقن کـي ٿـئـي اهـڙي اِمـدادي
جهڙي ٿي حر ۽ پاڻس کي هدايت جي حسينؑ جا حبدار
ڏسـنـدا کانـ قيـامت حسـينؑ جـا حـُـبدار
هونـدا صحـي سـلامت حسـينؑ جـا حـُـبدار

19

ياڳـا صحـي ملنـدا سچن صـادقن کـي
ان جي مهابي ۾ مطابعت جي حسينؑ جا حبـدار
ڏسـنـدا کانـ قيـامت حسـينؑ جـا حـُـبدار
هونـدا صحـي سـلامت حسـينؑ جـا حـُـبدار

20

پوءِ اذن مهت ملندو محمد مصطفيٰ ﷺ کـي
سو کندو شافي ٿي شفاعت ٿيو حسينؑ جا حبدار
ڏسـنـدا کانـ قيـامت حسـينؑ جـا حـُـبدار
هونـدا صحـي سـلامت حسـينؑ جـا حـُـبدار

21

کي عاشق کن اعتبار مانجهي مـرد ويچـار
جي واقـف آهـن ولايـت حسـينؑ جـا حبـدار
ڏسـنـدا کانـ قيـامت حسـينؑ جـا حـُـبدار
هونـدا صحـي سـلامت حسـينؑ جـا حـُـبدار

Gul Hayat Institute

22

کئين ملان ۽ ٻيا مولوي وٺي رشوت ڦري ويا
کيائون روا ايءَ شهادت نـ ٿيا حسينؑ جا حبدار
ڏسـنـدا کانـ قيـامت حسـينؑ جـا حـُـبدار
هونـدا صحـي سـلامت حسـينؑ جـا حـُـبدار

23

ٻارنهن سو ٻانگن جا هئا پليت جي پاسي
ڏنئون راءِ خيانت نہ ٿيا حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

24

تنهن ڪان پوءِ ڪلمي گوءِ آڻيندو جنت ڏي
سڀ جملي جماعت ٿيو حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

25

اُتان ڪڏي ڪافرن ڪي احمد ڄام ايندو
ڪري معافي سڀ خيانت ٿيو حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

26

سي منٺار جي آڌار پنجتن سردار
ڏيندم روبرو رهاشت آهيون حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

Gul Hayat Institute

27

چئي ڪلمون قَلُوبَئون وسهي يقينئون
آهي نيت ساڻ نعامت ٿيو حسينؑ جا حبدار
ڏسندا ڪانہ قيامت حسينؑ جا حُبدار
هوندا صحي سلامت حسينؑ جا حُبدار

مداح شريف

هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

1

حسينڻ مرشد ملائڪن جو جي طالب تلقين تي ويڙا
حسينڻ اوجر آنبين جو جي نبي مرسلين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

2

حسينڻ گر پير غوثن جو جي غوث العالمين تي ويڙا
حسينڻ قادر قطبن جو جي قطب ڪاملين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

Gul Hayat Institute

3

حسينڻ وارث ولين جو جي وليءَ واصلين تي ويڙا
حسينڻ استاد عاشقن جو جي جملي ئي عاشقين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس نہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

4

حسينؑ سرتاج صابرن جو جي سونهارا صابرين تي ويڙا
حسينؑ آهي تاج تارڪن جو جي دنيا کان تارڪين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

5

حسينؑ سلطان سخين جو جي سخي صالحين تي ويڙا
حسينؑ فياض فقيرن جو جي فقير صادقين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

6

حسينؑ ارباب عابدن جو جي خدا جا عابدين تي ويڙا
حسينؑ زمان زاهدن جو جي زاهد ذاڪرين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

7

حُرَ ۽ پاڻس کي هدايت هئي جي عين اليقين تي ويڙا
حسينؑ سرتاج شهيدن جو جي شهيد شاڪرين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

Gul Hayat Institute

8

حسينؑ مهندار مسڪينن جو سي موچارا مسڪين تي ويڙا
راحب ٻانهڻ پٽن سوڏو جي جنت جا نشين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

9

ڪي ملان پٽ ملوئي جو پارسي پاسي تنهن ظالمين تي ويڙا
اُهي حسن حسين جي حب ريءَ انڌا نابين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

10

وني رشوا ڏنئون فتوا سي ساڪن سجين تي ويڙا
هئا لباس المومنين ظاهر ۾ پر قلوب الڪافرين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

11

جي پنيرا پنجتن ڪان پڙهيل سي دشمن سندا دين تي ويڙا
هئڻ هستيءَ ڪيڙا حرام سي ابليسي طالبين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

12

چوي "منثار" محشر ۾ پنجتن امين تي ويڙا
ڪلمي وارا سي صحيءَ چُئندا جي صادق يقين تي ويڙا
هزارين حسنين جا حبدار موچارا مسلمين تي ويڙا
ڏس تہ امام جي اولي اپارين عارفين تي ويڙا

Gul Hayat Institute

بيت راڳ، ڪيڏارو

1

چئي ڪيڏارو ڪربلا جو ياد ڪجان تون ڏينهن
علي جي اولاد تي مرغ وٺڙو مينهن
مولي جو منٺار چئي نيبهه ٽيڙس نيهن
سوره سيد شينهن عاشق حق الله جو

2

محرم چنڊ چمڪيو آيو عاشورو
ڪي غازي غم حسين جو پتنگ ڪن پورو
جي مٺو مير حسين تان ڪن صدقي سمورو
اُن ڪي اُجورو ملندو محشر ۾ منٺار چئي

3

محرم چنڊ چمڪيو عاشورو آيو
غازين غم حسين جو ڪن ڪمايو
جن من اندر منٺار چئي ماتم مچايو
سو دم سجايو جو پاسي پنجن تنن جي

4

حسن مير حسين لاءِ روئان راتو رات
آءٌ هيءَ هيءَ ڪريو هٿ هڻان مون ڪي طلب تنين جي تات

Gul Hayat Institute

منٺار چئي اُنَ ماتام جي ڇل ڪسي وڃان ڪات
پوءِ مانَ منهنجي بات پچار جي پريڻ حسينَ وٽ

5

حسن مير حسين لاءِ پڇان نت پيئي
عمر سندن افسوس ۾ مون ڪي وهامي ويئي
منٺار چئي ان ماتام جي ڪل ڏيان ڪيهي
جيهي جا تيهي اهيا ڳالهه اندر ۾

6

حسن مير حسين ڪي سڪان ۽ ساريان
اُن جي افسوس ۾ هنجون هاريان
منٺار چئي ان ماتام ۾ هئي پٽي ڳوڙها ڳاڙيان
دم نہ وساريان مانہ ميڙائو مون ٽئي

7

حسن مير حسين لاءِ رُئان راتو ڏينهن
هاريان آب اکين مان جيئن وسن وڏا مينهن
منٺار چئي ان ماتام ۾ آءُ انوئي پهرائين
هئي هئي ڪريان ڪيئن جو رب راضي ان رمز ۾

8

هردم حب حسين جي رکڻ آهي روا
اڙين جي اِمام ريءَ ڪانهي پُت پوا
هُت سيد ڪانسواءِ بيو عرض ڪيندئي ڪونہ ڪو

9

هردم حب حسين جي رکج اندر روح
منجهہ افسوس اِمام جي وڃو ڪر ورونهن
تہ محشر منجهہ صبوح مُنهن مرڪئي منٺار چئي

Gul Hayat Institute

10

هردم حب حسين جي كر وجود ۾ وظاف
كن ساراهون سيد جون محمد ﷺ ۽ مُصُحاف
متان مُنجهين منٺار تون دل ۾ كر درياف
تہ كندو موليٰ گناهہ معاف خالق بدلي خون جي

11

هردم حُب حسين جي صادق ركن سچيار
سي واليءَ ولايت جا عاشق جيئن عطار
ٻيا كوڙين ٿين كفار بنا حب حسين جي

12

هردم حب حسين جي كر مؤمن مطالعي
كر اُتي ياد الله كي سيد سنيالي
تہ ٿِئين هِت هُتِ حوالي محمد جي منٺار چئي

Gul Hayat Institute

فقير محمد بخش ’ضامن‘ جا چيل ڏهر

رک هر دم حُب حسين جي اي مومن مسلمان،
اچ پنجتن سندي پڙ ۾ ادب سان ايمان،
تہ راضي مٿئي رسول ٿئي ۽ رب سچو رحمان،
’ضامن‘ هوندئي زور جي تہ مهندان ملندئي مان،
بي کنڌي اٿئي ڪاڻ بنان حُب حسين جي.

*

بنا حُب حسين جي نہ آهي ڪائي واهہ،
حقيقت هن حال جي جاڻي هڪ الله،
گهرجي ان امام جي هر دم نيڪ نگاهہ،
هيڻي منهنجي حال کان آهي سو آگاهہ،
’ضامن‘ پيئي ضعيف جا واهر ڪندا واهہ،
سرت رکي ساجاهہ رک هر دم حُب حسين جي.

*

حسن مير حسين لاءِ جر وهائج جام،
هر دم رکج حُب سان مومن تون مدام،
عمدو ملندئي ان جو الله وٽان انعام،
سک رکي سا ساهہ ۾ پڙهہ ڪلمي جو ڪلام،
اصل کان آئون آهيان گولو سندن غلام،
ڪين ڇڏيندا ڪڏهن سيئي پنهنجي سام،
آهن سي امام ’ضامن‘ ضعيفن جا.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جڏهن سج اُلهندا اُڀري ايندو محشر جو مڪان
تاوڙي تاپش ڪندو سج پاند نيزي جي نشان
اُتي غم سبب حسنين جي هيءَ ڇٽندو عالم جڳ جهان
مسلمينو چو رهو اي ماهه محرم بي غمي
هن ڏينهن حضرت رسول ﷺ هو حسين جو ماتمي.
(منٺار فقير راڄڙ)

Gul Hayat Institute